ڦڙو - ڦڙو
ڪوڙو سچ



ليکڪ : ڪشور ڪابرا

سنڌيڪار : ڄيٺو لالواڻي

ڦڙو ڦڙو ڪؤڙو سچ

(ننڍيون ڪٿائون)

ليکڪ : ڊاڪٽر ڪشور ڪابرا

سنڌيڪار : جيٺو لالواڻي

اِسٽيج پبليڪيشن

احمد آباد

ڦڙو ڦڙو ڪوُڙو سچ

(ننڍيون ڪٿائون)

ليکڪ : ڊاڪٽر ڪشور ڪابرا

سنڌيڪار : جيٺو لالواڻي

سال : 2008

قيمت : روپيه -/100

پبلشر :

اسٽيج پبليڪيشن

''ماڌو ون''، 37، آدتيه بنگلوز،

آواس پارڪ جي اندر،

نوبل نگر ويجهو، احمدآباد-382340.

فون : 30214033-079 موبائيل : 09879563312

ڇپيندڙ :

اسڪين ڪمپيوٽرس

3، راڌيشيام اپارٽمينٽ،

نودرگا سوسائٽيءَ پرسان، پاٽيا،

نروڙا روڊ، احمدآباد-382345.

فون : 30246776 موبائيل : 9327007002

Fudo-Fudo Koudo Sachu

(Short-Short Stories)

By : **Dr. Kishore Kabra**

Translation : **Jetho Lalwani**

Year : 2008

Price : Rs. 100/-

Published by :
Stage Publication
"Madhav-van" 37, Aditya Bunglows,
Inside Awas Park, Nr. Noble nagar,
Ahmedabad-382340.
Tele : 079-30214033 (M) 09879563312

Printed by :
Scan Computers
3, Radheyshyam Apartment,
Nr. Navdurga Society, Patia,
Naroda Road, Ahmedabad-382340.
Phone : 30247667 (M) 9327007002

۾ آهي. سمنڊ-ساگر انيڪ حوالن کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندو آهي، انيڪ ڪنارن سان ٽڪرائيندو آهي، اٿل پٿل آڻيندو آهي. انيڪ لهرون اُڀرنديون آهن، ڇوليون اينديون ۽ ڪناري سان ٽڪرجي گم ٿي وينديون آهن. ندي پنهنجي نڪرندڙ منڊ واري هنڌ کان ڇوڙ تائين، ٻن ڪنارن وچ ۾ ڪٿي ٻيهندي، ڪٿي تيز وهڪري سان، پنهنجو پاڻ ۾ مست، ليڪن ڊوڙندي پهچندي آهي. جهرڻي-آبشار جو ڪوبہ ڪنارو نہ هوندو آهي. هڪ پل جي ڪِل-ڪِل، ڇل-ڇل، ڪجهہ شور شرابو، گوڙ ۽ بس، پاڻي اڳتي وهي ويندو آهي، ماحول کي ٺڌو بڻائيندي.

لگهو ڪٿا هڪ پل جي جيون جي ٿورائي، ننڍائي، هلڪائي، خسيس پڻو. ڄڻ هڪ بوند ۾ ساگر سمائجي ويو هجي. ڄڻڪ هڪ چپٽيءَ ۾ آسمان اچي ويو هجي. ڄڻڪ ڦڙو-ڦڙو سچ ٽپڪي ٿو. ننڍين ڪٿائن ۾ هڪ هڪ پل جي ائٽمي-اڻو سنبنڌي من حالت جي ڪٿاتمڪ لفظي عڪس آهن. هنن ۾ ڪٿي سوال تہ ڪٿي وري طنز آهي، ڪٿي ڪٿي وچ ۾ پاڻ کي ڇڏي پاڻڪ کي اِشاري حل، اُپاوَ ۽ وسيلا بہ ٻڌايل آهن تہ ڪٿي جهٽڪا ڏيئي ڌوڏيو ويو آهي. ڪٿي بہ چرچو گهٻو، لطيفو يا ڪهاڻيءَ جو اختصار نہ آهي ۽ نہ ئي وري ڪا پئروڊي. هنن ۾ آهي لوڪ جيون جي سڌي واقفيت، پهچان، اُن سان روبرو گڏجاڻي/ملاقات/اِنٽرويو آهي. روزاني جيون گهٽنائن، واقعن جي طنز، مذاقيہ، ڪروٽا، ديا جو اظهار آهي. رس ڌارا سان اوت پروت، ڀرپور هونديون آهن. لگهو ڪٿائن ۾ پوشيل سچ جي ڪنور ٻجن کي آڪاڻيءَ جو پاڻي ۽ پاڻ ڏيئي اديب پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان سلي کي اُڀر ڏيندا آهن. سلو ڦٽندو آهي. لگهو ڪٿائن جي شروعات پلي روزاني واقعي سان شروع ٿيندي هجي پر وچ ۽ آخر ۾ رچناڪار جي اندر ۾ وينل بندوبست چيتنا ئي ڪندي آهي. جڏهن بہ ليکڪ کي پنهنجي ڳالهہ ٿوري ۾ مختصر ۽ پراثردار انداز سان چوڻي هوندي آهي تڏهن هوُ لگهو ڪٿا، ننڍي ڪٿا جو ئي سهارو-آڌار وٺندو آهي. اِهي اسان جي جيون سان جڙيل آهن.

اڄ دنيا ۾ لگهو ڪٿا جي پنهنجي وصف، سيما ريکا ۽ سيٽاپ قائم ٿي چڪي آهي. مختصر روپ جي هن اثردائڪ ڪٿاتمڪ نثر شايع جي ماڌيم دواران ليکڪ اِنساني احساسن، محسوسات جي ڪنهن بہ انش کي ڪٽي پنهنجي تکي، چوٽدار ٻوليءَ ۽ ڪلاتمڪ ڍنگ سان مڪمل گهرائيءَ ۽ تيزيءَ سان اظهاري ٿو. هيءُ اُنهن جذباتي احساسن جي انش جو اظهار آهي، جيڪا پنهنجي محدود حد ۾ جيون جو وشال ڦهلاوَ، ڊيگهہ ۽ پاسن کي سميٽي ڇڏي ٿي. ديش، وقت ۽ واقعن جو جوڙ بہ اِن ريت ئي رهي ٿو. لگهو ڪٿائون جيون جي مڪمل اوندهہ ۾ تروري ۽ زخم

پيش لفظ

عالمي ادب ۾، قديم وقت کان ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڪهاڻي نظر اچي ٿي ٿي. رگ ويد، براهمڻ درشن، اُپنشد، سوتر، پراڻ وغيره ڌارمڪ گرنٿن سان گڏ مهاڀارت، رامائڻ، جين ڌرم ڪٿائون، ٻوڌ ساهت، قران پاڪ، بائيبل وغيره ۾ سندر ڪهاڻيون موجوده آهن. سنسڪرت ۾ پنچتنتر، هتوپديش، دشڪمار چريتر ڪٿائن سان ڀرپور آهن.

انگريزيءَ ۾ Short short-story لفظ کي اسان ”لگهوُ ڪٿا“ مختصر ڪهاڻي وصف طور قبوليو آهي. عام طور Short جي معنيٰ ننڍو، مختصر، صفت سان اُن جي قد جو انداز حاصل ٿئي ٿو. انگريزيءَ ۾ Short-story، Short Short-story ۽ Long short story يا Tale يعني افسانو، ڪهاڻي، قصو، ڳالهہ، آکاڻي سنڌي معنيٰ ۾ لفظ آهن. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻي، لنبي ڪهاڻي، وڏي ڪهاڻي، مختصر ڪهاڻي، لگهو ڪهاڻي، مني ڪهاڻي وغيره لفظ واهپي ۾ نظر اچن ٿا. اِنهن نالن سان قد جي ڄاڻ ضرور حاصل ٿئي ٿي، پر ڀيد تنهن قد تائين صرف محدود نہ آهي. اُن جي خود جي روپ، آڪار، شڪل، سوروپ کي پڻ ڇُهي ٿو. قد جي گهٽ وڌائي صرف ٻاهرين طور رهي ٿي پر اُهو اُن جي اندروني سوروپ ۾ پڻ بدل سدل آڻي ٿو ۽ اُهو وري سوروپ جي جداڳي جي آڪار ۾ نتيجي طور اُڀري ٿو.

هر ڪهاڻيءَ جو هڪ مرڪز، ٽڪو يا گنتي ڪيندر هوندو آهي. اُن مان ئي ڪهاڻيءَ جو جنم ٿيندو آهي ۽ اُن مان ئي ڪٿا وستوءَ کي آڪار ملي ٿو. جنهن کي رچنا ٻج پڻ سڏجي ٿو ۽ رچنا جي ٻج، مکيہ مرڪز جي پڪڙ سان ”ٿيم“ وشيہ، ڳالهہ کي ڄاڻي سگهجي ٿو.

ڪهاڻي پراڻي هجي يا نئين، روايتي هجي يا جديد اُن پنيان ڪوبہ هڪ مقرر مقصد هوندو آهي، سبب هوندو آهي، اُديش هوندو آهي ۽ اُن جي اردگرد جي حالت هوندي آهي اِهڙي حالت يا لائقي مکيہ مرڪز ۾ هوندي آهي.

ٽوٽڪو، لطيفو، چرچو، ننڍي ڪهاڻي/مني ڪهاڻي، لگهو ڪٿا، وڏي مختصر ڪهاڻي، اَڪهاڻي، نئين ڪهاڻي ساڳيءَ فطرتي سوروپ آهن. اُهي هڪ ئي ڪُل جا هئڻ جي باوجود پڻ بنيادي طور سرجن مول- اصل کان جدا جدا آهن. ساهتيڪ سوروپ پڻ ڪجهہ پاڻ ۾ سنبنڌ هئڻ جي باوجود بہ اندر ڦهليل آهي.

ناول، ڪهاڻي، ننڍي ڪٿا ۾ اُهو ئي تفاوت آهي جيڪو سمنڊ، ندي ۽ جهرڻي

اعلان

مون هر سال جيان، هن دفعي پڻ پنهنجي جنم ڏينهن تي ”ڪيڪ“ ڪپڻ لاءِ جيئن ئي، هٿ ۾ ڇري ڪنئين هٿ اُٿي جو اُتي ٻيهي ويا. مان حيران ٿي ويس. مون عجب وچان هٿن کي چيو، ”توهان پنهنجو ڪم ڇو نه ٿا ڪريو؟“

هٿن صاف ڇٽو جاٽايو، ”اسان سيني اندرين هڙتال ڪئي آهي. هاڻي اسين توهان جي ڪابه ڳالهه قبول نه ڪنداسين ۽ نه ئي وري مڃينداسين. اِها به ڪا ڳالهه آهي، اسين سڀ عضوا ڏينهون-ڏينهن ڪمزور ٿيندا پيا وڃون، گسندا پيا وڃون ۽ توهان آهيو جو، جنم ڏينهن جون خوشيون ملهائي رهيا آهيو. بيشمار، قيمتي سوکڙيون حاصل ڪري رهيا آهيو. ڀلا توهان ڪڏهن اسان کي به ڪجهه ڏنو آهي؟“

مان وڏي چنتا ۾ پئجي ويس. اندرين کي تحفي ۾ ڇا ڏيان؟ هنن جو چوڻ به ته بلڪل صحيح هو.

۽ تڏهن مون اعلان ڪيو :

”مان پنهنجن ڏڪندڙ هٿن کي لٺ، ٿاٻڙجندڙ پيرن کي ساکيون، ڏنڏلين اکين کي چشمو، ٻڏي منهن کي نقلي ڏند ۽ اچن وارن کي خضاب انعام ۾ ڏيئي رهيو آهيان.“

سيني اندرين تاڙيون وڄائي، منهنجي پڏرائيءَ جي آجيان ڪئي. □

تي ملھ جو ڪم ڪنديون آھن.

سنڌيءَ ۾ جيئن طنزيه لکھو ڪٿائون سرجڻ ۾ ۽ اُن جي وڪاس ۾ اھميت ڀريو پارٽ ادا ڪيو آھي ۽ ھن شاخ کي اڳتي وڌايو آھي اُنھن ۾ ڊاڪٽر ڪشور ڪابرا ڪافي اڳرو ۽ سرگرم رھيو آھي.

”ڦڙو ڦڙو ڪوڙو سچ“ ڊاڪٽر ڪشور ڪابرا جون ھيءُ ڪٿائون، ليکڪ جي انتظامي چيتنا جي پيدائش آھن. جنھن ۾ ڪٿا جي چستي، ٻوليءَ جي پختائي ۽ شلپ جي تلاش ڀرپور آھي. ھيءُ حقيقي، ڀوڳيل، آزمودي تي آڌارت ڪٿائون جيون سمنڊ جي وشالتا ھڪ ڦڙي ۾ نظر اچن ٿيون. ھر ڪٿا ھڪ شفاف شيشي مثل آھي. گڏوگڏ وقت سان جوڙي رکندڙ آھن. ڪٿي ڪٿي شاعريءَ جا عڪس به آھن، رس ڌارا سان ڀرپور آھن. ھي ڪٿائون گھر، ڪٽنب، سماج، سياست، راڄ ڪاروبار، نظامي بندوبست، ڀرشٽاچار، زور ظلم ۽ سماجڪ اوڻاين جا عڪس آھن ۽ پنھنجي پنھنجي وشيه کي بلڪل تز ڍنگ سان پيش ڪن ٿيون. ھنن ڪٿائن ۾ جيون جا نفي چاھي شفي عڪس چٽيل آھن. نه صرف ھنسا سان گڏ پر اھنسا، ڪوڙ سا ستيه ۽ ڀرشٽاچار سان گڏوگڏ چريتروان شيڊ پڻ ميسر ٿيل آھن. ھيءُ ڪٿائون پنھنجي وقت جي ڌڙڪن آھن ۽ ٻولي به ڪٿا جي پاترن مطابق ٿئي آھي.

”ڦڙو ڦڙو ڪوڙو سچ“ جي سنڌي ادبي کيتر ۾ ضرور آجيان ٿيندي اھڙي وشواس سان.

- چيڻو لالواڻي

سنگت جا نوان ڦهلاوَ

شادي ٿئي ٻه پورا ڏهاڪا گذرڻ جي باوجود به جناب ''ڪ'' ۽ شريمتي ''ک''
هڪ ٻئي جي قريب اچي ويا هئا. ٻئي سلهاڻي-سلهاڻي ڪرسي جسم جا زهر
جاڙو ٻي ٻي اڱار لڳي جيڪا هئا. هڪ جي زال حد کان وڌيڪ پاڳلپڻي ڪانس
ڀيڻ ڇڙواڳ، جھڳڙالو، بدنصر ۽ ڇڙواڳ هئي. ٻئي جو مڙس ڪم چور، آلسي،
ڪاهل، ڳدڙ ۽ شڪي سڀاءَ جو هو. جڏهن انهن زال جي مهڻن، ننڊ رشن ڪري
ڀيرانل ''ڪ''، هوڏانهن پنهنجي خودداري جي مار کاڌل، ڏٻل، هيسيل ''ک''
هئي.

ٻئي هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ نظرن سان هڪ ٻئي کي پڙهندا ۽ اشارا ڪندا هئا. آفيس ڇٽڻ بعد ٻئي ماڻهن کان اکيون بچائي، جدا جدا رستن تان گذرندا هڪ پيڙ ڀاڙ واري هوٽل ۾ پهچي ويندا هئا ۽ پيڙ جي ڇنڊا ڪرڻ کانسواءِ هڪ سٺي هوٽل جي فئملي ڪئبن ۾ اچي وهندا هئا. ٻئي وچي، مسڪرائي، ڪجهه چهر ۽ ٿڌي پيج جو آرڊر ونئي ويندو هو. هن جي جيتري ڏکي مسڪراهٽ هوندي هئي اوتري بدلي ۾ وڏي ''ٽپ'' هن کي ملندي هئي.

هيءَ ڪئبن اُنهن ٻنهي پراڻين جي گڏجڻ-ملڻ جو هنڌ هو. رنگ محل هو. پنهنجي جيون جا داستان، ڏکائيندي-ڏکائيندي شريمتي ''ک'' روئڻ ۽ سسڪيون ڀرڻ شروع ڪندي هئي. جناب ''ڪ'' ٻنهي هٿن سان هن جي چهري کي پڪڙيندو هو. هڪ غئبي طلسمي ماحول ۾ ٻن وڇڙيل آتمائن جو ميلاپ ٿيندو هو. ٻئي منين سان شروعات ڪندا هئا ۽ شرير جي حسنئين حصي تي ڇهاءُ پهچڻ سان بجلي ڪرنٽ جيان جھٽڪو کائي رُڪجي ويندا هئا. پر ۾ ويني-ويني جيڪي ڪجهه ممڪن هوندو هو ڪندا هئا. اُن کان اڳي هو وڏي نه سگهيا هئا.

''ڪ'' هڪ ٻه ڀيرو ''ک'' جي گهر، هن جي پتيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ به گڏجي آيو هو. ٻيهريءَ جي آس سان پرپور، ايڪانت واري ماحول ۾، گرم ساهن ۽ بيهوش جوش هڪ دفعو حد پار ڪرڻ جي تياري نه ڏيکاري، پر سنسڪارن ۽ ڊپ سان گڏيل، اکل پاءِ هنن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو، پنپت ڪندڙ تيز ريل، سگنل وٽ اچي روڪجي ويئي.

گذريل ڇهن ڏينهن ان اخلاقي-غير اخلاقي رشتي جي چٽائيءَ لاءِ هو ساڳي ۽ ڪئبن ۾ گڏيا. اڄ سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪرڻ آهي نه هو ڳالهه ۾ ڇو ٿا ملن، اُن جي حد ايندي

بيوسي

”زال ڪافي دير کان نلڪي تي الائي ڇا ڪري رهي آهي! هن کي ذري به چنتا نه آهي، منهنجي آفيس وڃڻ جو وقت اچي پريو آهي.“ موهن صاحب بڙبڙائي رهيو هو.

جڏهن هن جي زال ڪافي دير تائين واپس نه آئي ته هوُ باٿ روم جو بهانو ڪري هيٺ لٿو. ”اوهه! ته اِها ڳالهه آهي! پاڙي وارن ڇورن کي گهوري-گهوري ڏنو پيو وڃي، اُنهن جي گفتگو ڪن لڳائي ٻڌي پيئي وڃي. ٺيڪ آهي هاڻي تون مٿي ته اچ!“

ءُ هو صاحب ڏڙام سان باٿ روم جو دروازو بند ڪري مٿي موٽي آيو.

ٿوري دير بعد موهن جي پتني آلن ڪپڙن کي سنڀاليندي سنڀاليندي مٿي آئي.

”هيٺ ڪهڙو عشق لڙائي رهي هئينءَ؟ ڇو گهوري-گهوري ڏسي رهي هئينءَ هنن ڇوڪر کي؟ ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌي رهي هئينءَ؟“ موهن غصي ۾ ڪڙڪ آواز ۾ چيو.

پڳل ڪپڙن ۾ ئي موهن جي پتني غصي ۾ تپي باهه ٿي ويئي، ”ڀڳوان اکيون ڏنيون آهن، اِن ڪري ڏسي رهي هئس، ايشور ڪن ڏنا آهن اِن ڪري ٻڌي رهي هئس.“

”ءُ مونکي ڀڳوان ڪجهه به نه ڏنو آهي؟“

”توهان کي وات ڏنو آهي، ان لاءِ بڪ بڪ ڪندا رهو.“ □

موٽ جو انعام

ڪاري ناڳڻ جهڙي رستي تان، ڀڄندڙ ڪار جي دريءَ مان آڱر ڪڍي، ڀاڄائي شهري ڪناري تي ٺهيل هڪ عمارت ڏانهن اشارو ڪندي، اُنهن ڏينهن سان ڳنڍيل هڪ رستي تي نهاري پڇيو، "چاچا! سنڌ ۾ اهو ڪهڙو بورڊ آهي؟"

"هو آهي، سامهون ڏس!"

۽ چاچي ڀاڄائي ڪلاڪ سان بورڊ اُتي ۾ لڪ چپ راند ڪندڙ ڪارن اچڻ ڪڪرن تي ڏٺائين. ٻار جو شڪل، مرجهايل چهرو ڪن پل ۾ خوشيءَ ۾ ٽڙي پيو. جڻڪ سڪل زمين تي ساوڻ جو بادل وسيو هو.

"پون.... پون.... پون...."

پٺيان اُن وقت هڪ ڪار آئي. تيز رفتار ۾. اُن ۾ ڪو نيتا ويٺو هو، پر ۾ هڪ سماج سيوڪا به ويٺل هئي. اُهي اُها نگر جي ڪنهن علائقي ۾ عوام جي سيوا ڪندي هئي، هاڻي نيتا جي سيوا ڪندي آهي.

ٿوري دير ۾ تيز ڪار اڳيان وڌي آئي. ٻار مستيءَ ۾ وچ رستي تان نينگر ٽپا ڏيندو هلي رهيو هو. چاچي چلايو، "پري تي وڃ."

ٻار ڪجهه نه سمجهيو ته ڪهڙي طرف ڊوڙي وڃي، کڏهن هو ساڄي، کڏهن کاٻي وڃي سڌو اڳتي ڊوڙي رهيو هو. معصوم ٻلڙو ننڍڙو ٻار، ننڍپڻ جي مستيءَ ۾ بس صرف ڊوڙي رهيو هو. ننڍپڻ ۾ اسان هڪ راند ڪندا هئاسين، "ڊڪ ٻلي ڪتو آيو" اڄ موٽ ۽ جيون ٻه شايد اُها راند کيڏي رهيو هو.

۽ طرفن ڏٺو ته سانجهيءَ جي سموري لالاڻ هڪ ئي وقت رستي تي ڇانئجي ويئي. رت جو هڪ ننڍو تلاءُ تي ويو.

ڪار بيٺي، نيتا جي ۽ سماج سيوڪا ڪار مان هيٺ لٿا، "چوڙي، ڪاٻي پاسي نٿا هلي سگهو؟ سامهون بورڊ تي لکيل اطلاع پڙهي ها، ته موٽ نه ٿئيس ها، ڪمبخت ڪار هلائي مرڻ ئي آيو هو. پوليس کي ڄاڻ ڏيندس ته جيل جي هوا کائڻي پوندءِ. بڌاءِ ٻورڙا ڇا ڪرڻو آهي؟" ڪڙڪ داداگيريءَ سان ڀريل آواز ۾ نيتا چيو.

ٻڌي ڇا هوش حواس گم ٿي ويا. هو ته ٻڌجي بيٺو رهيو. سماج سيوڪا کي ڏيا اچي ويئي، پنهنجي پرس مان سو-سو جا پنج نوٽ ڪڍي، جهلي چيو، "هاڻي ڇڏيو اُن ڳالهه کي، ٻار اُن جو ئي هو، ٻر ڇي پنج سؤ رپيا پاڻ وٽ رک، هن ڪان وڌيڪ اُن ٻار جي پالنا ۽ تعليم خرچ به نه ڪرڻو هوندو. مئل ٻار، هن پروپڪار لاءِ اسان کي

ڪرڻي هئي ۽ ملڻ جي سيما طيءِ ڪرڻي هئي، ٽڏوڻا رشتي جي ناتي، ڏٺو هو.

”ڪ“، ”ک“ جي ڇاتيءَ سان لڳائي چيو، ”ک! هي اڏوروپڻو، هيءَ ڇپن سان لڳائڻ بعد به پاڻي نه پي سگهڻ جي لاچاري، ڪيستائين ٻٽي رهندي؟ اَج اسين ڪجهه طيءِ ڪيون. لڇمڻ ريکا مقرر ڪريون ٻڌاءِ، تون مون ۾ ڇا ٿي ڏسين؟ مون مان ڪهڙي طلب رکين ٿي؟“

”ک“ هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ چيو، ”پريتم ”ڪ“، مونکي نه پتيءَ جو پيار مليو آهي ۽ نه ئي واقفڪارن جو سنيهه. هڪ اُڏامندڙ-ڪرندڙ، ٿابڙجندڙ لاڳارا ڏيندڙ لغڙ جيان مان توهان جي ڇت سان اُلجهي ويئي آهيان. مان توهان جي سايع ۾ آهيان. شاريرڪ ٻڪ جي مونکي پرواهه ناهي، اُها ته منهنجو مڙس جٺن-ٿٺن ڪري مٽائيندو آهي، پر من جي اُڃ! افسوس اجا تائين نه مٽي آهي. مان پنهنجي مانسڪ پيڙا ڪنهن کي ٻڌائي سگهان، اِن لاءِ توهان سان گڏجندي آهيان، توهان ۾ عقل ۽ من جو ميلاپ آهي. توهين جذباتي آهيو، عمر لائق آهيو، اِن لاءِ توهين جلدبازي نه ڪندا. اهڙو وشواس آهي. اهو طيءِ آهي ته مان توهانجي، سنسڪرن سبب بستري جي راڻي ٻڻجي نه سگهندس، پر مان توهانجي دوستي حاصل ڪري سگهان ٿي، هڪ ساٿيءَ جي روپ ۾، هڪ ساهيڙيءَ طور. مان توهانکي پريمڪا ۽ محبوبا جو جوش ڏيئي نه سگهندس، پر پاڻ ارپڻ ڪري سگهان ٿي. بس، توهين مونسان اهڙي نموني گڏجو جيئن هڪ عورت ٻيءَ عورت سان ملندي آهي، هڪ مرد ٻئي مرد سان ملاقات ڪندو آهي. هو پاڻ ۾ ڀاڪر پريندا آهن، چمندا آهن، گلي لڳندا آهن، منيون ڏيندا آهن ۽ بس.“

۽ ”ک“، ”ڪ“ جي گود ۾ ڪري پيئي. ❑

ڪڌڙائپ

——۽ هنن انڌا ڌنڌ، هجوم سان لٺ بازي شروع ڪري ڇڏي. پوءِ جو هڪ وڏو هنگامو لڳي ويو. هر ماڻهو پري وڃي بيهي رهيو ۽ اتان ئي تماشو ڏسندا رهيا. پوليس جي جوانن ٻاجهه واري کي هٿن پيرن کان جهلي هڪ نه ٻه ڌڪ هڻي ٻاجهه واري کي پڪڙي ڌڪا ڏنائين، ٽڪيون هڻندي جيب ۾ وجهي ڇڏيون. هو ويچارو پنهنجي عزت جي حفاظت ڪري نه سگهيو، هن ڪئي، ويهي ٿي نماڻي هو زور لڳايو. هر بار هن جي ٻانهن کي موڙيءَ جيان مروٽيو-سروٽيو ٿي ويو. هن جي گردن کي اهڙو نه زور ۽ بي رحميءَ سان دٻايو پئي ويو، ڄڻ ته هاڻي هن جو ڪنڌ ڌڙ کان ڌار ٿي هليو ويندو. هو گاريون ڏيئي رهيو هو. هن جي هر هڪ گار پوليس جي زوردار ٺڪ سان گڏ هڪ وڏي گندي گار بڻجي موٽ کائي رهي هئي.

”منهنجي پيءُ کي پڪڙي ڪيڏانهن ٿا وٺي وڃو؟ اڙي منهنجو پيءُ!“ ٻاجهه واري جو ننڍڙو ٻٽ، پنهنجي قاتل ڇڏي هٿ سان سنڀاليندو جيب طرف وڌي رهيو هو ۽ هڪ وحشي پوليس وارو ڇنبدار لٺ سان ٻار کي نونگا هڻندي پري پڇائي رهيو هو. ”اڙي! منهنجي پيءُ کي بچايو! هاءِ منهنجو پيءُ! هي حرامزادا هن کي ڪيترو نه ماري رهيا آهن. ڪوئي ته بچائي!“ ٻار رڙيون ڪري رهيو هو.

مان به تماشبينن ۾ هئس! منهنجو رت ٽهڪي رهيو هو، ”ڪيترو نه ظلم ٿا ڪن هي پشاچ پوليس وارا، هنن ويچاري بي قصور ٻاجهه واري جو برتو بڻائي ڇڏيو آهي. هاڻي هن کي پڪڙي ٿاڻي وٺي ويندا، ماريندس-ڪٽيندس، ڪيس ۾ ڦاسائي پيسا هوندس ته سي وٺندس. دل چاهي ٿي هڪ چابوڪ کڻي هنن مٿان وسڪارو ڪريان، سٽي ڇڏيان، جڏهن پيرم ڪيچڪ جو قتل ڪيو هو، اهڙو ڪجهه ٿي وڃي هن پل. ڪجهه ائين ٿئي ته حاضر پيڙ مان ڪوئي شيطان ٻاهر نڪري ۽ پنهنجن خونخوار ڏندن سان هنن پوليس وارن کي دٻائي، چيڙي ڦاڙي زور زور ٽهڪ ڏئي. هاڻي ويو آهي هن ڪلجڳ ۾؟ چمتڪار به ڪونه ٿا ٿين؟“

مان ٻار ٻار مٺيون پڪوڙي رهيو هئس، وري ڳولي تي چڙيم. منهنجون ٻانهون تڪڻ تي وري ڏاڍ تي، تي ڏيئون. مون ۾ بهادريءَ ۽ ڪائرتا جي جنگ هلي رهي هئي مان ان ڪانسواءِ ڀلا ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيس؟

پوليس گاڏي هلي وئي، پيڙ ڇڙوڇڙ ٿي وئي. مان ٻيني-ٻيني ٻاجهه ڏسڻ تي ڪري جي وسيلي ۾ سوچيندو رهيس.

ٿوري دير ۾ جڏهن پوءِ جو هر هڪ ماڻهو اهو ئي سوچي رهيو هو. □

دعائون ڏيندو. سماج جي هر طبقي جي سيوا ڪرڻ اسان جو فرض آهي. جيئري نہ سهين، مئي پڇاڻا هن جي ڪٽنب جي مدد تہ اسين ڪري سگهون ٿا. هان وٺ هيءُ روپيہ!'' ٻڍي جي سڪل ڏڪندڙ هٿن ۾ روپين جي سوڪڙي ثمائي، خوني موٽر هوا سان ڳالهيون ڪندي غائب ٿي ويئي. ڄڻڪ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو.

ٻڍڙو ڪڏهن روپين کي تہ وري ڪنهن مهل ٻار جي رت ۾ لت پت ٿيل لاش کي، وري وقتي اُڏامندڙ ڌوڙ کي ڏسي رهيو هو.

هڪ ٻيو راهگير اُتان لنگهي رهيو هو. روپيہ ڏسي سوچڻ لڳو، ''ڪاش! ڪار هيٺان منهنجو ٻار اچي هان!'' □

سهاڳ رات

نڪاح پڙهڻ بعد جڏهن ئي گهوٽ آئي بيٺو، ڪنوار کي چڪر اچي ويا ۽ هوءَ بيهوش ٿي ڪري پيئي. ڊاڪٽر گهرايا ويا. حڪيمن کي سڏايو ويو. جهاڙ ڦوڪ ڪندڙ اوليا، پير، فقير ڪوٺايا ويا. پر ڪنوار بچي نه سگهي. سڀ حيلا-وسيلا بيڪار ثابت ٿيا ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻن ڪلاڪن ۾ ئي ٿي ويو.

شهنائي جا سُر ٿمجي ويا، ڍولڪ جي ٿاپ بيهجي ويئي، گيتن جا ٻول گونگا ٿي پيا. سهاڳ رات ملهائڻ لاءِ سينگاريل، سجايل رنگ محل جي سيج ۽ اُن تي سجايل گل، لڳايل عطر سڀ ويران ٿي پيا.

ٻئي پريمي هڪ ٻئي کي ڪيترو نه پريم ڪندا هئا؟ ٻنهي جي رضامنديءَ سان ئي نڪاح ٿيو هو. گهوٽ سهرو ٻڌو هو.

گهوٽ راڄا چيو، ’مونکي به هن سان گڏ دفنايو وڃي. مان هن بنا هڪ پل به جيئرو رهي نه سگهندس. اسان ٻنهي پاڻ ۾ قول ڪيو هو ته اڄ گڏجي سهاڳ رات ملهائينداسين. هاءِ، هاڻي مان ڇا ڪريان؟‘‘

پر صرف ڪنوار جي لاش کي دفنايو ويو. گهوٽ کي ماڻهو، بزرگ سمجهائي ٻجهائي گهر واپس وٺي آيا.

رات جي سناٽي ۾ جڏهن سڀ ڪجهه شانت ٿي ويو، تڏهن هڪ جاءِ جي دري ٽٽي، دريءَ مان هڪ پاڇي جيئن ٽپو ڏنو. پاڇو ڊوڙندو-ڊوڙندو قبرستان ۾ ويو. قبر کوٽي ان ڪنوار کي ٻاهر ڪڍيو.

ساڻي ساوڪ تي لاش کي سنڀاري ان مڙد کي ڪافي چميو، ڀاڪر ۾ ڀريو، ان سان ڳالهيون ڪيون ۽ ان سان سهاڳ رات ملهائي.

صبح جو ماڻهن ڏٺو ته ٻه لاش ان قبر پرسان پيا هئا. ◻

ساهتيڪار

”هن سان ڱڏجو، هي آهي جناب موهن ديپ! تمام وڏو- برک ساهتيڪار!“ هڪ دوست سشيل ڪمار هڪ سچڻ طرف اِشارو ڪندي چيو.

مون دستوري مشڪ سان هن کي ڪيڪاريو. هٿ ملائيندي پڇيو، ”توهان سان ڱڏجي ڏاڍي خوشي ٿي. ها، ادب ۾ توهان جو ڪهڙي صنف ۾ خاص طور يوڳدان رهيو آهي؟“

سشيل ڪمار شرارت سان کلندي چيو، ”ڪهڙي ڳالهه ڪجي جناب جي! هن صاحب ڪابه صنف باقي نه ڇڏي آهي. ڪالج ۾ جيستائين هو شاعري ڪندو هو، شاديءَ کانپوءِ ڪهاڻيون لکڻ لڳو، جڏهن اولاد ٿيس، ٻارن ٻچن وچ ۾ گهيريل رهيو ته ناٽڪ لکڻ شروع ڪيائين. هاڻي اولاد ٿيڻ بند ٿي ويئي اٿس ته انوادڪ ٿي ويو آهي.“

مون پنهنجي کل کي روڪيندي پڇيو، ”هاڻي، اڳتي مستقبل ۾ ڪهڙو ويچار اٿس؟“

سشيل ڪمار گنڀير ٿيندي چيو، ”نوڪريءَ مان فارغ ٿيڻ سان نقاد ٿي ويندو، بعد ۾ ڪوي بڻجڻ جو ويچار اٿس.“ ❑

ٻال پٽو

بس جو ڪنڊڪٽر چار-پنج چڪر لڳائي ٿڪجي پيو. سيني مسافرن جي ٽڪيٽ ڪٽي. پر اڌ مسافريءَ جو حساب ملي نہ رهيو هو. ويچارو ڪافي پريشان ٿي پيو. آخرڪار هن سڀ ٽڪيٽون چيڪ ڪرڻ شروع ڪيون. چيڪ ڪندي هو هڪ سيٽ تي وينل جوڙي وٽ پهتو.

''پيڻ توهان جون گهٽيون ٽڪيٽون آهن؟''

''هڪ سڄي ۽ هڪ اڌ.''

''اڌ ڪنهن جي آهي؟''

''منهنجي پر ۾ وينل هن پتي پرميشور جي.''

''هي ٻئو جي اڌ ٽڪيٽ؟ دادي، اڌ ٽڪيٽ تہ ٻارن جي ٿيندي آهي.''

''اوهين برابر ٿا چئو، اٿين ئي آهي. منهنجو پيءُ هردم ٻراٿيون ڪندو رهندو آهي ته هو اڃا ٻانهون نہ ويو آهي. مون سوچيو، جيستائين هن جي سيڌ نہ پوري نہ ٿئي تيستائين ٽڪيٽ بہ اڌ ئي ورتي وڃي.'' □

وصيت نامو

پٽ پنهنجي بيمار، مرڻ ڪنديءَ پيءُ، جي ڪافي سيوا ڪري رهيا هئا. پيءُ کي زور ڏيندا هئا، سر تي مالش ڪندا هئس، مهانگي ۾ مهانگيون دوائون گهرائي پيئاريندا هئا. سنو، طاقتور ڪاڙو، تازا ميوا کارائيندا هئا، فروٽ جيوس پيئاريندا هئا، هنن جي اِڇا هئي تہ بيڏڙي پيءُ کي آخرين وقت ۾ ڪابہ تڪليف نہ ٿئي ۽ هو راضي-خوشيءَ سان پنهنجو وصيت نامو لکي ڏئي. هن وٽ ڪافي ملڪيت هئي. تمام گهڻو حساب-ڪتاب هو، وڏي پئماني تي ڏيٺي-ونٺي هئي. پڍي زندگيءَ پر پٽن کي ڪوبہ راز نہ ٻڌايو هو. هن وقت بہ هو ٻيون سڀ ڳالهيون ڪندو هو، پر وصيت جي ڳالهہ کي ٽاڙي ڇڏيندو هو.

۽ لڳاتار پنجويهہ ڏينهن پٽن جي سيوا، دوا-درمل حاصل ڪرڻ جي باوجود بہ پڍي هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو.

پٽن لاش کي پلنگ تان ڪٽي، لاهي هيٺ زمين تي رکيو. سيرانديءَ وٽ هڪ ڪاغذ تهہ ڪيل پيل مليو.

وڏي پٽ اُن کي کولي ڏٺو، لکيل هو :

”جيڪي بہ قرضدار آهن، اُنهن جي پائي پائي معاف. هنن جا وهيون، کاتا، بنديون نديءَ جي پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏجو.

بنگلو وڪامي چڪو آهي، دڪان گهاٽي ۾ هلي رهيو آهي، بئنڪ کاتي ۾ هڪ بہ رپيو نہ آهي.

توهين سڀ سکي رهجو.“ ☐

مئل هاٿي سوا لک جو

گدومل اڃا ئي بستري تان اٿيو، شريمتيءَ هڪ لنبي ياداشت جو پرزو هن جي هٿ ۾ ٿمائيندي چيو، ''آفيس مان موٽندي ڪرياني واري کان هي شيون ضرور وٺندا اچجو ۽ گذريل ٻن مهينن جي پگهار به پنهنجي باس کان گهري وٺي اچجو.''

هو سنان پاڻي ڪري باٿ روم مان ٻاهر نڪتو ته پٽ هڪ فهرست ڏيندي چيو، ''ابو، هي ڪتاب امتحان لاءِ ضرور کپن.''

هو ناشتي جي ٽيبل تي وينو ته ڌيءُ هن جي هٿ ۾ هڪ لسٽ ٿمائيندي چيو، ''ڏئڏي، اسڪول يونيفارم، بوٽ ۽ جوراب اڄ ضرور گهرجن.''

جڏهن هو آفيس پنهنجي فرض تي وڃڻ لڳو ته سڀني چيو،

''اسان جون شيون.''

''اسان جون شيون.''

''اسان جون شيون.''

''ضرور کپن، اڄ ئي گهرجن.''

گدومل آفيس پهتو ته باس ڌمڪائيندي چيو، ''جناب گدومل! توهان اڄا تائين قرض نه موٽايو آهي. اڄ ئي سموري رقم جمع ڪرايو، نه ته.....!''

هڪئي ويچارو گدومل، هزارين چنتائون-فرمائشون ۽ ڌڙڪا سهن نه ڪري سگهيو، آفيس جي ڪرسيءَ تي ئي ڍيري ٿي ويو. هن جا پراڻ پکيئڙا پرواز ڪري ويا.

عملدار گهبرائجي ويو. هو ڊوڙندو ڊوڙندو گدومل جي گهر ويو ۽ سهڪندي سهڪندي چيو، ''پاپي! هيءُ اٿو تنهنجي لسٽن جو سامان، هيءَ گذريل مهينن جي بقايا پگهار. اڄ کان هر مهيني پينشن توهان کي گهر پهچي ويندي. هيءَ هڪ لک روپيه ٻيا به ۽ قرض به وياج سميت معاف. پر گدومل.....!''

ڌرمپتنيءَ روئندي چيو، ''هو ڪيترا نه سُٺا هئا. هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري، مرندي مرندي، سرڳڌام پهچندي پهچندي اسان کي تاري ويا. زندگيءَ ڀر جو توشو ڏيندا ويا.''

ڌيءَ ۽ پٽ سڏڪون هاريندي چيو، ''ڏئڏي ڪيترا نه نيڪ دل اِنسان هئا! دم ڇڏيندي به اسان کي سنواريندا ويا.'' □

آخرين خواهش

مڙس جي موت تي زال ڪافي ڏکي- غمگين هئي. مئل جا سڀ ڀاتي، عزيز، ڀيڻ، ڀائر، دوست، زار زار روئي رهيا هئا. پر ڀتنيءَ جي شوڪ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

اُن وقت ننڍو ڀاءُ ڪٻاٽ کولي هڪ ريشمي ڪپڙو ڪڍي آيو ۽ روئندي روئندي چيو، ”ڀاڀي! دهليءَ ۾ ڀائوءَ جو هڪ ڀيڪيدار، شاندار سنمان ٿيو هو. اُن اُتسو ۾ هي پنج ميٽر وديشي ڪپڙي جي پڪر هن کي پاتي ويئي هئي. هاڻي هن جو ڇا ڪجي؟ ڀاءُ جي چتا سان گڏ ڇو نہ هن کي بہ ارپڻ ڪري ڇڏجي.“

زال ترڇي نظر سان اُن ريشمي ڪپڙي ڏي ڏٺو. ڪپڙو شاندار، خوبصورت، قيمتي ۽ جديد ڊزائين واري رنگ بہ وٽندڙ هو. هن جا ورلاپ بند ٿي ويا. هوءَ مڙهہ جي ويجهو آئي ۽ ڏير جي هٿن مان ڪپڙو ڇنندي چيو، ”ڏيرم، هُنن مرڻ کان اڳ مون کي چيو هو تہ، هن ڪپڙي مان تون پنهنجي لاءِ بلائوز- ڪوٽي نهرائج ۽ ٻارن لاءِ ڪُڙتا بُشرٽ سبائج. هنن جي آخرين خواهش اِها ئي هئي، اُن جي پالنا ڪرڻ اسان جو فرض ٿو بڻجي.“

هوءَ ڪپڙي کي سيني سان لڳائي زار زار روئڻ لڳي ۽ پار ڪڍڻ لڳي. ❑

نظر

هڪ بدصورت، ڪوڙهه جي داغن واري، ڪاري-ڪلوٽي ٽائيپسٽ آفيس ۾ نئين نئين آئي. هوءَ ڪافي رزرو سڀاءَ جي هئي. ڪنهن سان به ڳالهائيندي-ٻولهائيندي نه هئي ۽ ورلي ڪنهن ڪل-ٺهڪڙي ۾ به شامل نه ٿيندي هئي. دوستن چيو، ”مَن موهن، هن اپسرا جو منهن کولاءِ ته توکي مڃينداسين.“

موهن للڪار قبول ڪئي. ساڳئي ڏينهن رسيس ۾ هن جي ڀرسان لنگهندي چيو، ”مس شيلا! ڪڏهن اسان طرف به رحم جي نظر ورائي ڏس. ڀڄوان توهان کي هڪ خوبصورت-بدن ملڪيت ڏني آهي، توهان جا فيچر ڪافي ڪشش ڪندڙ آهن، ڇا اِها خوبصورتي لڪائي رکڻ جي چيز آهي؟ هيءَ نانگڻ جهڙا ڪارا ڪارا زلف، هيءَ چنڊ جهڙو مُنهن، هيءَ پريل-اُپريل ڇاتي، لچڪڻي ڪمر واهه، ڪٿي بس ڪر!“

شيلا پهرين ته ڪجهه هٻڪي، پوءِ شرمائيندي چيائين، ”توهان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو مِن موهن؟ توهين پهريان شخص آهيو، جيڪي منهنجي رنگ روپ جي ساراهه ڪري رهيا آهيو. ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين مون تي نظر ئي نه ورائي آهي.“ موهن شرارت سان چيو، ”نظر ته پيدا ڪئي ويندي آهي. توهان جي سونهن کي پرکڻ لاءِ نظريو گهرجي.“ شيلا مست خوش ٿيندي مستيءَ ۾ چيو، ”توهان ڪيترا نه سٺا-شريف اِنسان آهيو. توهانجي به ڇا نه غضب جي، ڪشش ڀري شخصيت آهي. توهين ڏاڍا پلاءِ سٺا اِنسان آهيو.“

موهن هڪ ٽهڪ ڏيندي چيو، ”ڏسو، نظر پيدا ٿي ويئي نه! اڄ ڏينهن تائين مونکي به ڪنهن سٺوءَ پلو اِنسان نه چيو هو توهين پهرين عورت آهيو. جيڪا منهنجي پرسنالٽيءَ جي ساراهه ڪري رهي آهي.“

اُن وقت سڀ دوست ڪمري ۾ گهڙي آيا ۽ رڙ ڪندي چيو، ”مئڊم! ٿوري اسان جي به ساراهه ڪريو. اسين به ايترا خراب-برا اِنسان ته نه آهيون.“ □

نانو

ساگر گذريل هفتي موڪل تي هو. هن جي ڌيءُ پهرئين ويم تي آئي هئي. ڪالهه هن ڇوڪريءَ کي جنم ڏنو. اڄ ساگر اسڪول پهتو ته سيني ماسترن هن کي واڌايون ڏنيون.

”پائي، هاڻي ته تون نانو بڻجي وئين، مٺائي کاراءِ مٺائي.“

جڏهن ساگر ڏهين درجي ۾ پڙهائڻ ويو ته سيني شاگردن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون.

”سر، اڄ اسان جي پڙهڻ جو موڊ نه آهي. اسان کي ڪائي آکاڻي ٻڌايو.“

ساگر خفي پريل مسڪراهٽ سان چيو، ”توهين نه عجيب اِنسان آهيو. هيترا وڏا ٿي ويا آهيو، هاڻي توهانجي آکاڻي ٻڌڻ جي عمر آهي؟“

هڪ شرارتي ڇوڪري چيو،

”سر، اسين پهنجي ڳالهه ڪونه ٿا ڪريون. اسين ته اِهو چئي رهيا آهيون نه هاڻي توهان جي آکاڻي ٻڌائڻ جي عمر ٿي ويئي آهي، هاڻي توهان نانا بڻجي ويا آهيو نانا.“ □

مان لوڙا لوڙي ڏٺيس، [illegible]
[illegible] چهرو هن جو [illegible]
فضا ۾ اڀري رهيو هو.

مونکي لڳو ڄاڻي ڄاڻي هلو وڌو ۾ ٿي بالڪل آهي. منهنجي دل جي ڳالهه شايد هن ڀانپي ورتي هئي. هو اُٿيو، هن مونکي ڀاڪر ۾ زور سان ڀريو، سندس سان لڳائي سر ڪلهي تي رکي زار زار روئڻ شروع ڪيو. ''دوست مون توتي ڪافي ننڍو ڪيو آهي. اُن ڏينهن تو مٿان به وار ڪيم. مان ڪيرو نه ڪمبخت-پاپي آهيان. مان ڏاڍو گنهگار آهيان. دشت آهيان. مونکي معاف ڪر منهنجا دوست! مون انيڪ شخص کي رنجايو آهي. دک ڏنو آهي. تڪليفون ڏنيون آهن. مان سڀني جو ڏوهاري آهيان. مان سڀني کان معافي ٿو گهران.''

هو ننڍي ٻار جيان اوڇنگارو ڏيئي روئي رهيو هو. ڪڏهن هن مونکي چميو ٿي، ڪڏهن ڀاڪر ۾ پئي پاتا، ڪنهن مهل لاڏ ٿي ڪيو. هن جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن ڪارڻ مڇن مان وهي، منهنجي ڇهري کي به آلو ڪري ڇڏيو هو. لڳو ڪوئي فرشتو آسمان ۾ لُڙهندو پيو وڃي. شيشم جيان مضبوط نظر ايندڙ هي ڪٺور شخص، شراب پي ڪري ايترو ڪومل، ايترو جذباتي ۽ ڪيرو نه ايماندار ٿي ويو هو! □

شرابي

ڪجھ ڏينھن پھرين اسانجي آفيس ۾ هڪ رنگ روٽ، پي. ڪي. چاولا بدلي تي آيو. بدن پريل، اکيون ڳاڙهيون، ڏگهيون ڪاريون وچون ۽ جي ڏنگ جھڙيون مڇون، سرير سگهارو، پڪو شڪاري ۽ چست رانديگر. ڪم گهٽ پر شخص جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهيون وڌيڪ. وشال دل، بددماغ، طاقتور سرير. مون ٻڌو، هو شراب پيئندو آهي، پر ڪڏهن-ڪنھن مھل تو پيئي. اها خبر نہ هئي. ها، ڪڏهن ڪڏهن سوير صبح جو گڊ مارننگ تيندي هئي تہ هن جي منھن مان نڪرندڙ شراب جي تيز بدبو، منهنجي نڪ کي ساڙي ڇڏيندي هئي. اُن ڏينھن هو وڌيڪ شوخ، غصي، جوش سان گڏ پڙڪيل رهندو هو.

هڪ دفعي، ننڍڙي ڳالھ تي هن ڪوناريءَ جي ڪرائيءَ تي جليل سگريٽ رکي ڇڏيو، ويچارو ڪلي ٿاري ويو.

هڪ ڏينھن هن شرما کي گاريون ڏيندي، مارڻ جي ڌمڪي ڏني. ويچارو بہ مھنا موڪل تي هليو ويو.

هڪ ڀيري هن چوڪيدار جي ٽنگ ڀڃي ڇڏي. ٽن مھنن جو پٽو چڙهيس.

ٻڌوسين، هڪ آفيسر کي رسيس مهل سيني سامهون زوردار چماٽ هڻي ڪڍي هڻائين، ويچاري جو ڏند ڀڄي پيو هو.

هڪ ڏينھن هن مونکي بہ ٺڦڙ هڻئين. مان غصو پي ويس.

مان هن کي مذاق ۾ چوندو هئس ”تون شراب جي ٻئي ڏينھن، نشي ۾ ايترو غصي ۾، جوش ۾ رهين ٿو تہ پوءِ شراب پيئڻ وقت تنهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي هوندي؟ مان هڪ ڏينھن توکي شراب پيئندي ڏسڻ ٿو چاهيان. ڏسندس ٻڙڪيءَ مان، ڇو جو تنهنجو ڪهڙو ڀروسو؟ ماري ڇڏين تہ؟“

سنجوڳ سان ڏياريءَ جي ٻئي ڏينھن هن مونکي رات جو ۹ بجي پنھنجي گهر گهرايو. مان سپ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هن جي گهر ڊوڙيس، جو ٻئي ڏينھن مون پنھنجي هڏين جو چورمو ٿيڻ ٻڌائڻ چاهيو.

گهر ۾ گهڙيس تہ ڏٺم، جناب ٽپائيءَ تي شراب جي هڪ بوتل رکي، هڪ گلاس مان شراب جون چسڪيون ڀري رهيو هو. مان ٿورو ڊڄي ويس هن چيو، ”اچ روشن لال- درشن ڪري وٺ، ويهي ڏس هيءَ سڄي بوتل پيئندس، اُها بہ تنھنجي سامهون.“

جو پٽ آهي.''

''توهين هن اسڪول جا چيئرمين آهيو. مان توهان جي ڪنهن به حڪم تي ٽاري نٿو سگهان. انڪار ڪرڻ جي اسان ۾ جرئت ئي ڪونهي. حڪم ڏيندا ته اسين توڙي به مونکي ڪم ڪرڻو پوندو، پر مشڪل ڪنهن کي ان ٻالڪ کان ٿئس پڙهڻ وڃي، ته اُن لاءِ جوابدار توهان رهندا، ڪجهه به ٿئي ته توهان تي ئي سنڀالڻو پوندو. هو پڳونداس اڳ ئي توهان مٿان پڙڪي وينو آهي. توهان جو سامهون جيون دڳاڙ نه چاهي. صرف موقعي جي تلاش اٿس. اُن جي ٻن پاڻيئين جا نالا اڳ ئي ويٽنگ لسٽ ۾ آهن.''

''ها، نه توهين قاعدي-قانون جو پالن ڪريو. هُن دشت-نيچ پڳونداس جي ڪنهن به پاڻتي-ٻاڻتي کي پڙهي اصل نه ڪجو ڇڱو، مان هلان ٿو.''

چيئرمين جي ڪار منٽ اڏائيندي هلي ويئي. شرما هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ''هي چيئرمين، ترسٽين کي ڊيڄارڻ لاءِ مون هڪ طريقو ڳولهي رکيو آهي. هي ٻه شخص سرڪار کي دوکو ڏيڻ لاءِ ٻن قسمن جا کاتا-چوپڙا رکندا آهن. مان به ٻن قسمن جا رجسٽر رکندو آهيان ۽ پڳونداس جي ڪهاڻي من گهڙت آهي.''

پوءِ من موهن طرف نهاريندي چيو، ''ڏسو، هنن شاهوڪارن جي ٻگڙيل، بار بار ناپاس ٿيندڙ ڇوڪرن کي ڊونيشن جي ٻل تي ڪوبه اسڪول داخلا ڏيئي ڇڏيندو. پر وچارن ماسترن جا ٻار ڪيڏانهن ويندا؟ توهين هي فارم وٺو ۽ پري هيڊ ڪلارڪ کي ڏيو.''

من موهن موهت - شڪرگذاريءَ واري ڀاوَ سان شرما طرف ڏسندو رهيو! شرما مسڪرائيندي چيو، ''هاڻي مون طرف ڇو گهوري رهيا آهيو، فارم ڀريو. چيئرمين لاءِ رجسٽر ٻئي نمبر جو هو، توهان لاءِ اصولي ۽ جدا آهي.'' ❑

داخلا

شرما وٽ محفل لڳي پيئي هئي. ٽهڪن مٿان ٽهڪ لڳي رهيا هئا. شرما ڏاڍو من موجي زنده دل انسان هو. هڪ هاير سيڪنڊري اسڪول جو پرنسيپال آهي. پر پنهنجو پاڻ کي سدائين هڪ اُستاد ئي سمجهندو آهي. پرنسيپال جي عهدي جو هن کي ڪوبه ايمان نه آهي. من موهن اندر نهاري ڏٺو. ڪجهه هيڪ محسوس ڪيائين، پر آفيس ۾ قدم رکي چڪو هو، نمسڪار ڪندي هو آفيس ۾ گهڙي ويو.

شرما، آرام ڪرسيءَ تي لڏندي بي ڪتڪي چيو، ”اڙي، من موهن اچو اچو، ڪافي ڏينهن بعد نظر آيا آهيو. توهان جي اسڪول جا ڪهڙا حال آهن؟“ من موهن به هڪ اسڪول ۾ ماسٽر هو. چيو، ”پنهنجي پٽ جي داخلا لاءِ آيو آهيان. منهنجي بدلي ٻئي اسڪول ۾ ٿي آهي. ڇا ٻڌايانوَ جناب شرما، ڇوڪرو نائين درجي ۾ ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو آهي. هيڊ ماسٽر چوي ٿو، پنهنجي پٽ کي اسڪول مان ڪڍي وڃ. اسان جي اسڪول جو نتيجو خراب ٿيندو. هاڻي توهان وٽ، اُميد رکي آيو آهيان.“

شرما، پاڻ کي ڪرسيءَ ۾ اندر دٻائي سوڙهو ڪندي چيو، ”توهان ڪافي دير سان آيا آهيو، سڀ داخلائون پوريون ٿي ويئون آهن پر....“

اُن وقت پٽيوالي دروازي مان اندر نهاريندي چيو، ”چيئرمن صاحب آيو آهي.“ سڀ حيرت ۾ پئجي ويا. سيٺ جمناداس اسڪول جو مئنيجنگ ٽرسٽي هو. ڪافي رعبدار انسان هو. سڀ هن جو نالو ٻڌندي ادب سان اُٿي بيٺا. هڪ ڪرسيءَ تي پاڻ کي براجمان ڪندي چيئرمن چيو: ”ڇا هلي رهيو آهي جناب شرما؟ هڪ ڪم سانگي آيو هئس. منهنجي هڪ سالي جي سالي جو پٽ آهي. ٻن سالن کان لڳاتار مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿيندو پيو اچي. پنهنجي اسڪول ۾ هن کي داخلا ڏيڻي آهي.“

شرما، بلڪل آرام سان وهندي، آتم وشواس سان چيو، ”ها، هاڻي داخلا فهرست تي نظر مان ڪڍي رهيو هئس، سب داخلائون پوريون ٿي چڪيون آهن. محفوظ جايون به پُرجي ويئون آهن ۽ خاص داخلائون به سماپت آهن، مئنيجمينٽ ڪوٽا به پوري ٿي چڪي آهي. توهين هي رجسٽر ڏسو.“

۽ شرما هڪ وڏو رجسٽر، چيئرمن طرف اڳيان وڌايو.

”هاڻي رجسٽر ڇا ڏسڻو آهي. ٻر توهان کي ڪجهه ڪرڻو پوندو. سالي جي سالي

آدرش‌واد

هو وڏو آدرش وادي هو. هڪ ڏينهن ساتي ياجي کائيندو هو ته ٻئي ڏينهن مڪمل خوراڪ ۽ وٽامن جي واڌپي لاءِ دوستن کي صلاح ڏيندو. جنهن ڏينهن سوير صبح جو گهمڻ لاءِ نڪري ويندو يا سرير تي تيل مالش ڪندو هو ته اُن جي ٻئي ڏينهن ”ڪسرت جو انساني جيون تي اثر“ وشيه تي سڀا ڪوٺائيندو. سڀني ماڻهن کي چوندو، ”بيوقوفو! صبح جو سوير اُٿندا ڪريو، ڪثرت ڪندا ڪريو. ڪثرت سرير لاءِ مفيد آهي.“ ڪڏهن ڪنهن کي ڏهه پيسا دان ۾ ڏيندو ته ٻئي ڏينهن جنهن ڪمري جي پٽ تي ”پروپڪاريه ڦلائي ورڪشاه“ وڻ پراُپڪار ڦل ڏيندڙ آهي. آدرش جملو لکيل نظر ايندو. سڀو ڏينهن سڀني کي دان-پچ جي مهما پيو سمجهائيندو.

پر هن جو اِهو آدرش‌واد صرف هڪ ڏينهن جو ئي هوندو هو. ٻئي ڏينهن هو نه ئي ساين ڀاڄيون کائيندو هو، نه صبح جو گهمڻ (مارننگ واڪ) تي ويندو هو ۽ نه ئي وري ڪاري ڪوڏي به ڪنهن کي دان ۾ ڏيندو.

ها، اُپديش ڏيڻ هن جي عادت هئي.

هڪ دفعي مون هن کان، اِن پل پر جي آدرش بابت پڇيو. ته وراڻيائين، ”چا ڪريان، منهنجي اِها ئي ته ڪمزوري آهي. ڪا سٺي ڳالهه هڪ ڏينهن ڪرڻ بعد اچڻ لڳندي آهي ته اِها ڳالهه سڄي دنيا کي ٻڌائجي. چاڪاڻ ته مونکي اڪيلو ڳڻڻ جي عادت نه آهي. ڪو اٽل ارادو به نه رهيو آهي، جنهن ڪري منهنجي جيون ۾ ڪو به آدرش دائمي رهي نٿو سگهي. اِن طرح مان ڀاڳي-ڀاڳي، حصي-حصي، ذري-ذري جي آدرشن ۾ جيئان ٿو. □

قومي ڪاريه

روزا هلي رهيا هئا. ڪارپوريشن طرفان رات جو اڍائي بجي، سڄي شهر جا نلڪ چالو ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو، جئن ”سهري“ نماز کان اڳ سڀ مسلمان سنان پاڻي ڪري، کاڌي-پيتي کان فارغ ٿي وڃن.

هاڻي نلڪا ته آهن سمردرشتي. هنن لاءِ ڇا هندو، ڇا مسلمان، ڇا سک ۽ وري ڇا عيسائي! اُهي هندن جي ايراضين ۾ به چالو هئا. اڪثر گهٽن علائقن ۾ نلڪا کليل هوندا هئا اِن ڪري سنان ڪوٺي، ڪاڪوس ۽ گهٽيءَ جا پئنچايتي نل ڏڙا ڏڙ تيز پاڻي ڪيرائيندا رهندا هئا. ڪرشن گهٽيءَ ۾ رهندڙ رام لاءِ هيءَ هڪ نئين مصيبت هئي. نل مان وهندڙ پاڻيءَ جي آواز سان هن جي ننڊ ۾ رُخنو پوندو هو ۽ ننڊ مان سجاڳ ٿي اُٿي وهندو هو ۽ وري هن کي سمهڻ سان به ننڊ اصل ڪونه ايندي هئي. ڇا ڪري، نلڪا بند ڪري ڇڏي؟ ها، آخرڪار هن جي ننڊ جو سوال آهي.

رام هيٺ لٿو، هن سنان ڪوٺيءَ جا نلڪا بند ڪيا، ڪاڪوس جا نل به بند ڪيا ۽ اچي بستري تي ليٽي پيو.

ٻيءَ رات به ساڳي ڳالهه ٿي. هيٺ لهي ڪري هن پنهنجي باٿروم سان گڏ پاڙيسريءَ جي باٿروم جا به نل بند ڪري ڇڏيا. آخرڪار پاڙيسريءَ جو به نقصان ڇو ٿئي؟

ٽين رات هن گهٽيءَ جا، مهڙ جا سڀ نلڪا بند ڪري ڇڏيا. آخر به گهٽيءَ جي سيني نلڪن مان ڪيترو نه اجايو پاڻي بيڪار وهي ٿو وڃي. ديش جو ڪيترو نه نقصان ٿئي ٿو. هيءُ هڪ قومي ڪاريه آهي ته پاڻيءَ جي بچت ڪجي ۽ نلڪا بند رکجن.

هاڻي هرروز هن کي اِهو قومي ڪم ڪرڻو پوندو هو. ننڊ ته پري رهي پر هو رات رات پير ماٺهن جي باٿروم ۽ ڪاڪوسن ۾ وڃي وهندڙ نلڪا بند ڪندو وتندو هو. آخر، ڏهينءَ رات هن کي سمجهه آئي. هو بستري تي ئي ليٽيو رهيو. ”ڇو اُٿندس نلڪا بند ڪرڻ لاءِ. ڪڏهن ۾ پوي قومي ڪاريه، ڇا مون ئي ٺيڪو کنيو آهي پوري پاڙي، گهٽيءَ جو ۽ پوري ديش جو؟“ هو ڪافي جوش ۾ هو. هن کي لڳو ته گهٽيءَ جا ڪجهه نل چالو نه آهن. هو تڪڙو-تڪڙو هيٺ لٿو ۽ اُنهن سيني بند نلڪن کي چالو ڪري مٿي واپس موٽيو ۽ پوءِ گهري ننڊ ۾ غلطان ٿي ويو. □

''اوهين هيترو نه عقلمند شخص آهيو، اوهين رامائڻ جهڙو ڪتاب خريد نٿا ڪري سگهو؟ تلسي جينتي ڪيئن ملهائينداسين؟ تلسيءَ جي تصوير ايان ڪهڙو ڪتاب رکنداسين؟'' هيڊماسٽر جو غصو ستين آسمان تي پهچي ويو.

ارمان معصوميت سان چيو، ''سر، هڪ آئيڊيا آهي، اُها صرف توهان جي ڪن ۾ چئي سگهان ٿو؟''

هيڊماسٽر زور ٻري مشڪ سان مسڪرايو. گرنٽ پال هن جي ڪن ۾ ڦس ڦس ڪندي چيو، ''مون وٽ هڪ ڊڪشنري (لغت) آهي ''هندي شبد ساگر'' اُن جو آڪار روپ رنگ، قسم رامائڻ جهڙو ئي آهي. بس مٿان هڪ خاڪي ڪاغذ جو پوش چاڙهي ڇڏينداسين ۽ تلسيداس جي پرسان رکي ڇڏينداسين. سڀ ماڻهو اُن کي کولي ته ڏسندا ڪونه؟''

هيڊماسٽر ٽهڪ ڏنا. ''واهه ڀائي واهه، تون واقع ئي علقمند آهين! واهه ڇا ته آئيڊيا آهي.'' پوءِ هندي ماسٽر سان مخاطب ٿيندي چيو، ''رامائڻ جو مسئلو حل ٿي ويو. هاڻي ٻين شيءِ تو ڪهڙي چئي هئي؟''

هندي ماسٽر عرض ڪيو، ''تلسيداس جي تصوير.''

هيڊماسٽر گرنٽ‌پال کي چيو، ''توهين ايڏانهن وڃي رهيا آهيو اُتان ڊرائنگ روم مان چترويديءَ کي ته موڪليو.''

فرينچ ڪلاڪار جي روپ ۾ چترويدي داخل ٿيو.

هيڊماسٽر پڇيو، ''ياءُ چترويدي، توهان وٽ تلسيداس جي تصوير-مورت ته ضرور هوندي؟''

چترويديءَ چيو، ''مان داسن، پڳتن ۽ سنتن درويشن جا چتر نه رکندو آهيان. مان ته ماڊرن آرٽسٽ آهيان پريوگ وادي چترڪار- تجرباتي جديد چتر ڪيندڙ.''

''ڪجهه بندوبست ڪر. اڄ تلسي جينتي آهي ۽ مورت ڪانسواءِ ڀلا ڪيئن ۽ ڇا ڪري سگهبو؟'' هيڊماسٽر ڪجهه خفي ۽ پريشان ٿيندي چيو.

هڪ پل ڪن تي هٿ ميهڙڻ بعد چترويديءَ چيو، ''آئيڊيا هڪ دم اصلوڪي آئيڊيا. اسان جي باغ ۾ تلسيءَ جي هڪ ڪونڊي آهي اُن کي آڻي هڪ منچ تي رکنداسين ۽ اُن جي هيٺان مان هڪ ڪاغذ تي ''داس'' لکي چنبڙائي ڇڏينداسين. ماڻهو ''تلسي'' ڏسندا ۽ ''داس'' پڙهندا. بس ٿي ويو ''تلسيداس''.

هيڊماسٽر جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، ''واهه ڇا ته ڳالهه آهي. سچ پچ مونکي تو جهڙي ربيورس ڦل ماسٽر تي فخر آهي.''

هندي ماسٽر به خوش ٿيو. ''واهه سر واهه! توهان چپٽيءَ ۾ سڀ مسئلا حل ڪري ڇڏيا. هاڻي مان هلان ٿو ۽ تلسي جينتي ملهائڻ جو بندوبست ٿو ڪريان.''

تلسي جينتي

هندي ماستر، هيڊماستر جي آفيس ۾ وڃي چيو، ”سائين، اڄ تلسي جينتي ملهائڻي آهي. مان ڪالهه توهان کي ٻڌائي نه سگهيس، وسري ويو، ڇا ٿي سمورو بندوبست ڪيئن ٿيندو؟“

هيڊماستر مسڪرائيندي چيو، ”توهان ته جينتي ماهر آهيو، ملهائي وٺو ڪنهن به ريت سان.“

”سر، باقي ته سڀ ڪجهه ٿي ويندو. بس سنگيت ماسترياڻيءَ کي چئو، ته تلسيءَ جو هڪ پد ڳائي. هڪ تلسيداس جي تصوير گهرجي ۽ هڪ رام چرت مانس ٻنهي تي گل چاڙهيندا سين. هڪ شاگرد رام جي ڪٿا ٻڌائيندو. تلسيداس بابت توهين ڳالهائجو، توهان ته اُن طرف جا رهاڪو آهيو.“ ماستر چيو.

هيڊماستر بيل وڄائي. پٽيوالو حاضر ٿيو.

”مکواڻا، سنگيت اڌياپڪ ۽ گرنٿپال کي سڏي اچ.“

”جي!“

ٿوري ئي وقت ۾ اچي سنگيت ماستر نمستي ڪئي. اڇڙ شرط سنهڙي - سپڪڙي اُن عورت چيو، ”سر، مون توهان کي ڪيترا دفعا چيو آهي ته، جڏهن منهنجو پيرڊ جلد هجي، تڏهن مونکي نه سڏائيندا ڪريو. آخرڪار سنگيت جو موڊ به ٿيندو آهي.“

هيڊماستر چيو، ”اي موڊ واري پيڻ، اجايون ڳالهيون نه ڪر، تلسيءَ جو ڪوئي پڇن ڳائڻ ايندو اٿيئي يا نه؟“

”تلسيءَ جو ته نه ايندو آهي، ميران بائيءَ جو ايندو آهي، ”ڪرم گتي ٽاري نهين ٽري“

هن لوڏ سان چيو.

هندي ماستر چيو، ”هلندو سر! پيڻ توهان پد جي آخر ۾ ”ميران ڪي پرڀو گرڌر ناگر جي جاءِ تي تلسي ڪي پرڀو رگهه پتي رائيو“ ڳائجو. شاگردن کي ڪهڙي ڄاڻ ته ڪهڙو پد - پڇن ڪنهن جو آهي؟“

”چڱو!“ اِهو ته ٿي ويو. هيڊماستر گدگد ٿيندي چيو.

اِن وچ ۾ گرنٿپال به اچي سهڙيو. هيڊماستر پڇيو، ”ورما، پستڪاليه ۾ رامايڻ - ٻامايڻ آهي ڪين نه؟“

”نه سر!“ ورما جواب ڏنو.

ڪچو فصل

جڏهن شريمتي دادلاڻي ٻه ڏينهن لڳاتار اسڪول مان غيرحاضر رهي، ته هيڊماسٽر پٽيوالي کي هن جي گهر موڪليو اهو ڄاڻڻ لاءِ ته معاملو ڇاآهي؟

منجهند جو جناب دادلاڻي اسڪول ۾ آيو.

”ٻڌايو صاحب، شريمتي دادلاڻيءَ جي طبيعت ڪيئن آهي؟“ هيڊماسٽر پڇيو.

جناب دادلاڻيءَ ڇهري تان پسينو اگهندي چيو،”ڇا ٻڌايانوَ سر، هڪ نئين مصيبت اچي واري آهي. پهرين توهان هن کي سوڪس پڙهائڻ لاءِ ڏني هئي. اُن وقت هوءَ اسان جي گهٽيءَ ۾ گهر-گهر وڃي ڪري پئنچايت ڪندي هئي. بعد ۾ توهان هن کي تواريخ پڙهائڻ لاءِ ڏني. اُنهن ڏينهن ۾ اسانجو گهر پاڻيپت لڙائي جو ميدان ۽ مهاڀارت جو ڪروڪيتر بڻجي پيو. هرروز مهاڀارت لڳو پيو هوندو هو. هاڻي توهان هن کي جاگرافي پڙهائڻ لاءِ ڏني آهي. هوءَ ڇوي تي مان پلي زمين دانگدان آبجائو آهيان. تيون پيرو فصل تيڻ وارو آهي سر!“

هيڊماسٽر ڪرسي اڳيان سيريندي چيو، ”ڪائون مهنو هلي رهيو آهي؟“

”سر، ٽيون!“

”ڪچي فصل کي لابارو هٽي، ڪٽي ڇڏ. طبيبي آڌار (ميڊيڪل گرائونڊ) تي هن مڪل ڏيڻي چاهيندومانس. توهين ڪوبه فڪر نه ڪريو، هاڻي مان هن کي سنسڪرت پڙهائڻ لاءِ ڏيندس.“ ❑

وچ وارو باندر

منهنجي ڊرائنگ روم ۾ ٽن باندرن وارو هڪ رانديڪو رکيل آهي. مان جڏهن به رانديڪي کي ڏسندو آهيان ته پهريون باندر مونکي چوندو آهي، ”برو نه ڏسو!“

جڏهن مان اُن کي ٻڌندو آهيان ته، ٻيو باندر چوندو آهي، ”برو نه ٻُڌو!“

مان اڃا ڪجهه ڳالهائڻ چاهيندو آهيان ته ٽيون باندر چوندو آهي، ”برو نه ڳالهايو!“

مان سمجهي نه سگهيو آهيان، ته هنن ٽن سچاين کي ٻڌائڻ لاءِ ٽن باندرن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڇا اِهو ڪم هڪ باندر نٿو ڪري سگهي؟

اُن وقت وچ واري باندر چيو، ”مان اهو ڪم ڪري سگهان ٿو.“

مان پڇيو، ”ڀلا ڪيئن؟“

هُن چيو، ”ٻڌو! اکين تي هٿ رکڻ جي ضرورت نه آهي، اُهي ته پلڪن سان ائين ئي بند ٿي وينديون آهن. وات تي به هٿ رکڻ جي ضرورت نه آهي، اُهي چپن سان ئي بند ٿي ويندو آهي. ها! ڪنن کي ڪابه دري-دروازو ڪونهي. اُهي هٿن سان بند ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن تون مونکي اجازت ڏين ته مان پنهنجيون اکيون ۽ وات بند ڪري ڇڏيان ۽ ڪنن تي هٿ رکي ۽ ٽنهي باندرن جي جڳهه وٺان!“

۽ اُهو باندر ٻن ٻين باندرن کي ڀڄائي، اکيون، وات ۽ ڪن بند ڪري ويٺو آهي. □

نالو

''مان توکانسواءِ جيئرو رهي نه سگهندس!''

''مان به توکانسواءِ بيموُت مري ويندس!!''

هيءَ گفتگو ڏيال سپهملاڻي ميريءَ جي هئي. جنهن کي صرف- هو ئي ٻڌي ٿي سگهيا، جو ميري عيسائي هئي ۽ ڏيال هندو. ٻنهي جي شادي ٿي نٿي سگهي.

ڏيال ميريءَ جي پيءُ کان ڏڪندو هو، ڇاڪاڻ ته هوُ سدائين پاڻ وٽ هڪ وڏو، ٿلهو مضبوط ڏنڊو رکندو هو.

ميري وري ڏيال جي ماءُ کان ڪنبندي هئي، ڇو جو هن جي هٿ ۾ سدائين هڪ تيلين وارو ٻهارو هوندو هو.

ڏيال چيو، ''ميريءَ سان شادي نه ڪري سگهيس ته مان پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيندس.''

آخرڪار، هو ڪافي ڪوشش جي باوجود گهر وارن کي مڃائي نه سگهيو ۽ شادي نه ڪري سگهيو ته هن پنهنجو نالو ئي بدلائي ڇڏيو، ڏيال جي جڳهه تي ڊيوڊ سن رکيو ۽ سپهملاڻيءَ مان سپي ٿي ويو.

زمانو هن جو ڇا ڪري سگهيو؟

ٻنهي ڪورٽ ۾ وڃي شادي ڪئي. □

پيڙ جي مانسڪتا

هڪ عام رواجي، ناهوڪو جوان پيڙ سان پريل رستي تان گذري رهيو هو. گڏوگڏ هڪ بيحد خوبصورت، فئشنيبل جوانڙي هن سان گڏ هلي رهي هئي.

دوستن فتوي ڏني، ”قسمت وارو آهي سالو! هن پدمڻي پريءَ کي حاصل ڪري پنهنجي نصيب کي ساراهيندي خوش ٿيندو هوندو.“

ٿوري وقت بعد ساڳئي شخص سان گڏ هڪ بيحد بدصورت، ڪاري، ڪلوٽي، بي ڊولي ڇوڪري هلڻ لڳي.

يارن وري فتوي ڏني، ”اپاڳو، بدنصيب آهي ويچارو! هن باندريءَ کي حاصل ڪري پنهنجي قسمت تي روئندو هوندو!“

ماڻهو اهو طيءِ نه ڪري پيو سگهي ته هو قسمت وارو آهي يا بدنصيب. ڇو ته هو صرف پيڙ ۾ هلي رهيو هو. ☐

دائي ماءُ

هو وڏو صاف دل انسان هو. شخصيت ۾ ذري به گندگي نظر ايندي هئس، ته اهڙي صابڻ جي پاڻيءَ سان ترت صاف ڪري ڇڏيندو هو. سڀ هن کان متاثر هئا، ڇو جو سيني ۾ هن جي آئيني ۾ پنهنجو جهلڪ ۽ عڪس نظر ايندو هو.

اهڙي شفاف، صاف ستري شخصيت واري شخص جي دوستي حاصل ڪري، مان پاڻ کي ڀاڳيشالي سمجهندو هوس ۽ فخر محسوس ڪندو هوس. هڪ ڏينهن موقعو ڏسندي، پڇي ئي ورتو مانس، ”تو اِها سٺائي ڪٿان حاصل ڪئي آهي؟ بالهه ڳالهه ۾، هنس جيان پاڻيءَ جو پاڻي، کير جو کير جدا ڪري وٺندو آهين. ڇا تنهنجي شخصيت تي تنهنجي پتا جو اثر آهي؟“

”جي، نه!“ هن مختصر ۾ جواب ڏنو.

”ته پوءِ توهان جي ماتا اينتري شدّ ۽ سنسڪاري رهي هوندي؟“ مون انومان لڳائيندي چيو.

”هوءَ ته مونکي جنم ڏيندي ئي هن دنيا مان چالاڻو ڪري هلي ويئي؟“ چوندي چوندي هن جي اکين جي چشمي تي ٻاڦ جمي ويئي.

”ته پوءِ تنهنجي پالنا ڪنهن ڪئي؟“ مون پڇيو.

”دائي امان! منهنجي پرورش ڪئي آهي. ننڍپڻ ۾ هُن ئي مونکي کير پياريو هو. مري ويجان ها، هن مونکي جيئاريو آهي. آهه! هن جو هردو اندر-ٻاهر ڪيترو صاف-سترو، شفاف ۽ پوتر هو. هو سامهون ڏس اُن جي تصوير!“ دوست پٽ طرف اِشارو ڪندي چيو.

مان ڏسي دنگ رهجي ويس. پٽ طرف حيرت وچان ڏسندو ئي رهيس. تصوير (کير ٽوٽي) لڳل کير جي بوتل جو چٽر هو. سر پيٺاريندڙ دائي ماءُ! ☐

وڻ

منهنجي دريءَ مان هڪ سائو سبز وڻ نظر ايندو آهي. جيئن ته مان وڏي شهر ۾ رهندو آهيان، اِن ڪري هن وڻ کي ڏسي مان ڌان پرست جو آنند ماڻيندو رهندو آهيان. هڪ ڏينهن، شام جو آفيس مان موٽي، عادت مطابق جيئن ئي دريءَ مان ٻاهر نهاريم ته هڪو-ٻڪو ٿي ويس. ”اڙي هي ڌڻ ڪيڏانهن هليو ويو؟“ ڌيءَ کان پڇيم، ”تمنا پٽ! هي جمونءَ جو وڻ ڪيڏانهن ويو؟“

تمنا روئڻهارڪي ٿيندي چيو، ”پپا! ريدار هن کي ڪپي- ڪپي ڪيرائي ڇڏيو. سڄو ڏينهن هن جون ٽاريون ڪٽيندا رهيا ۽ ٿڙ به اُڏائي ڇڏيو. بس هاڻي کِلي جهڙو سڪل وڻ وڃي بچيو آهي.“

شام جو راڪيش به چيو، ”پپا، هو ڪانوَ وڻ تي رهندا هئا، اُهي ويچارا هاڻي ڪٿي رهندا؟ اُنهن جا بيضا، ڪيڏانهن ويا؟“

هاڻي مان هن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟ مونکي محسوس ٿي رهيو هو جڻڪ منهنجي هڪ ٻانهن ڪٽجي ويئي آهي ۽ اُن جي جاءِ تي هڪ ٺونٺو هٿ لٽڪي رهيو آهي. اِهو هڪ وڻ ئي ته هو، جيڪو منهنجي من ۾ ساوڪ پريندو هو. ڪانوَن جيان مان به بي گهر ٿي ويو هئس.

اڌ رات اچانڪ منهنجي ننڊ کلي، لڳو سامهون واري ڇت تان ڪنهن ٽپو ڏنو آهي. دري کولي ڏٺم ته اکين تي وشواس ئي نٿي آيو. هڪ ٻانڊر پنهنجي هميشه جي عادت مطابق هيٺ جمونءَ جو وڻ سمجهي مٿان ڇت تان ٽپو ڏنو هو، پر سڪل وڻ سان ٽڪرائجي ڏڏام سان پٿر جي ڇپ تي ڪريو پيو هو. هنداڻي جيان هن جي کوپري ڦاٽي پئي هئي. ▢

هڪ ڪئلينڊر جي آتمر هتيا

هر روز صبح جو سِ آيندا هئس، آءٌ له مون هڪ نجومي کي رات جو سمهڻ کان اڳ سڄي ڳالهه ٻڌائي. هن چيو، ''ٻڌو، سڀاڻي کان ساهمون پٽ تي الڪيل هن ڪئلينڊر جو پنو اُهو ڦاڙيندو، جيڪو سوير صبح جو اُٿندو.''

پنج ڏينهن جاڳڻ مان صبح جو اُٿڻ نه ڏنم، ڪئلينڊر جا پنج پنا غائب هئا. مونکي محسوس ٿيو ته منهنجي زندگيءَ جي پنجن بدقسمتي ڏينهن کي ڪنهن ڦاڙي ڇڏيو آهي. ٿيو ائين هو ته رات جو ٻين بجي ٿي هڪ سپاٽر اُٿي چپ چاپ هڪ پنو ڦاڙي ڇڏيو هو ۽ سوڙ ۾ پاڻ کي سميٽي ڇڏيو هو. اُن بعد ريتو، مُني ۽ انوءَ ۽ صبح ڇهين بجي ڌائين نمبروار پنا ڦاڙي پنهنجي سوير صبح اُٿڻ جو ثبوت ڏيئي ڇڏيو هو. زال ڀلا ڇو پوئتي رهي؟ اُن ٻه پنجون پنو ڦاڙي ڇڏيو ۽ خوش ٿي ڪري گهرو ڪم ۾ جُنبي ويئي.

هاڻي مان هئس ۽ اُهو ڪئلينڊر.

مونکي لڳو. جڻ هڪ عورت ۽ جڻ اڌ اگهاڙن ڪارن ڪلوتن ڇوڪرن جي تتندڙ تصوير جينان مان ڪئلينڊر وانگيان ڦڙڦڙائي رهيو آهيان. مان ڪير جيان اڌ ڦتي چڪو هئس ۽ وياج جيان اڌ بقايا آهيان. سچو ڏينهن ٿڪل هڪ بيمار جيان مان ڪڏهن اوير ته وري ڪڏهن اولهه تاٻڙجي رهيو هئس. لڏڪٽي جيان لڏي رهيو هئس. ڊسمبر جي ۳۱ تاريخ جٽڪ منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. بعد ۾ مونکي لڳو ته ڪجهه ٻه هجي، هنن پنجن منهنجي غم کي ڪجهه گهٽايو آهي.

هاڻي پنج ڏينهن مونکي گهٽ جيئڻو پوندو.

پنج ٽوپا گهٽ سبڻا پوندا.

پنج ڏينهن پهرين سڀ گهاوَ تازا هوندا.

ڪفن ۽ ڪانين جو اڳهه هوندو.

۽ ٻني چئي رهي هئي ''پنج ڏينهن پهرين توهان سي پگهار ملندي.'' مون عصي ۾ منهون پڪوڙيون. ازي پنج پنا ڦاڙڻ وارا نامرادو، ''ٻڌايو ڪير آهيو توهين؟'' مونکي اڄ ڏينهن تائين توهان چليندا رهيا آهيو. توهان منهنجي آواز کي دٻائي ڇڏيو آهي، منهنجي جواني جو اُپرندڙ رت پي ويا آهيو. پنهنجا آڱرين،

دسهڙو

اڄ دسهڙي جو ڏڻ آهي. رام ليلا ميدان تي انيڪ ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا آهن. پري پري تائين جتي به نظر ورائجي ٿي صرف مٿا ئي مٿا نظر اچي رهيا آهن. سيني سرن جي مٿان ڏهه سسيون راوڻ جون بيٺل آهي.

به پتلا ٻيا به آهن، هڪ ڪنيڪرڻ آهي، ٻيو ميگهنات.

ڪمانن جي ڍانچي تي رنگ برنگي ڪاغذن جي ڪُتر سان سجايل ٿيئي پتلا جاندار لڳي رهيا آهن.

ٿن ڪاريگرن،تي مهنا لڳاتار ڏينهن-رات ڪم ڪري هنن کي جوڙيو آهي.

اڄ هنن پتلن کي جلايو ويندو، ٻاري رک بڻايو ويندو.

ايمان، ايرڪا، ساڙ، پاپ ۽ پاکنڊ جا اُهڃاڻ هي پتلا ٻاريا ويندا. ستيه-بهادري ۽ جي نشان رام-لڇمڻ، شانتي روپ، ستي ديوي سيتا کي ساڻ وٺي، ايوڌيا پشپ وماں ۾ موٽندا.

ڪيترو نه سيتڪ نظريو آهي. ڪيترو نه هي ۽ اُتساهت ڪندڙ پريرڻا روپ ڏڻ آهي، ڏسو، پتلن ۾ باهه لڳائي ويئي آهي. ٺهڪ ڏيندي، ٻم ڌماڪن ۾ ٿيئي پتلا جلي رهيا آهن. سڀ حاضرين خوش آهن. پاپ جو ناس ٿئي ٿو ته سڀ خوش ته ٿيندا ئي، ”پاپ جي ڪڻ-ستيه جي جڻ“ نعرا فضا ۾ گونجي رهيا آهن.

پر سامهون هن وڻ هيٺان ڪير روئي رهيا آهن؟ اڙي! اِهي ته پتلا ٺاهيندڙ ڪاريگر آهن.

”ڇا توهان کي پورا پيسا نه مليا آهن؟“ مان پڇان ٿو.

”نه ادا، پيسن جو سوال نه آهي. اسان ٽي مهنا ٻُهر وهائي جن پتلن کي تيار ڪيو ۽ پُٽن جيان پالنا-سنڀال ڪئي، اُنهن کي باهه ۾ جلندو ڏسي اسان جي ڪهڙي حالت ٿيندي هوندي، ڇا اسانجي ڪلا جلائڻ لاءِ آهي؟ ڇا اسانجي پتلن جي نصيب ۾ اِهو ئي لکيل آهي؟ ڇا اسانجي جوڙيل پتلن کي جلندو ڏسي اسين روئي نه ٿا سگهون؟ ادل توهين پتلا ٻارڻ وارا آهيو. پتلا ٺاهڻ وارا نه. توهين اسان جي درد کي ڇا ڄاڻو؟“

۽ هو ٽيئي وري سر جهڪائي زار زار روئڻ لڳا. □

''ڪ'' ڪمل جو

گروءَ چيو،

''چئه پٽ، ڪ معنيٰ ڪمل.''

شش حيرت وچان پڇيو،

''ڪ'' معنيٰ ڪمل؟

گرو- ''ها پٽ! ''ڪ'' ڪمل جي ئي ٿيندي آهي زندگيءَ ڀر ياد رکجانءِ.''

پوءِ شش ڪمل جي ''ڪ'' جي تلاش ۾ نڪري نروار ٿيو.

اُن کي تلاش ۾ هن پنهنجي مڪمل ننڍپڻ پوري ڪري ڇڏي.

ڪلاس مليو، ماءُ پيءُ جي ڪمبختيءَ ڪم نصيبي ملي، اُستادن جي ڪمچوري، ڪروڌ مليو، پاڙيسرين جي ڪميٽائپ، ڪارائڻ ملي سڀ ڪجهه مليو پر ''ڪ'' جو ڪمل نه مليو.

جوانيءَ ۾ به اُن جي ڳولها جاري رهي، ڪمر توڙيندڙ ڪم مليو. ڪار منهين، ڪُروپ عورت ملي، ڏينهن جو ڪائنرنا ملي، رات جو ڪام واسنا ملي، هڪ سڪيلڊو جاءِ اُهو به ڪُپاتر نڪتو. ڪنيا ملي اُن به ڪُل کي ڪلنڪ لڳايو، رشتيدارن جي ڪاوڙ، ڪارنوس ۽ ڪاسائيپڻو مليو، پر مليو ته اُهو به ڪباڙي خانو. سڀ ڪجهه مليو پر وري به ''ڪ'' جو ڪمل نه مليو.

ٻڍاپي ۾ به اهو سلسلو هلندو رهيو، ڪمزوري ملي، قبضي حاصل ٿي، ڪمر جي سور نسور ٻٽائي ڇڏيو، کف ڪرندو رهيو.

هاڻي ويچارو چيلهه مرڻ ڪنڌيءَ تي آهي، ماڻهو چون ٿا هاڻي نوَ ڪفن ملندو، ڪاٺيءَ تي کنيو ويندو، قبر ۾ دفنايو ويندو.

جملو ٻڌاري حيران آهي ته آخرڪار ''ڪ'' ڪمل جو ڪيڏانهن ويو؟ L

ڏھن اکين مون مٿان لامارا ھڻيا آھن، مونکي ڏمڪائين ٿيون ۽ منھنجي ماضيءَ جي، منھنجي تڏريل وقت کي ليڙون ليڙون ڪري ڦٽي ڪري ڇڏين ٿيون ۽ مون طرف ڏسي رھيون آھن تہ، ”ھيءَ ڪئلينڊر ڪڏھن ختم ٿيندو؟“

دوستو، صرف ھڪ ڳالھ ٻڌايان؟ ھن ريت ھرروز مرڻ بجاءِ ڇو نہ اسين سڄو ڪئلينڊر ھڪ ئي پل ۾ ڦاڙي ڇڏيون. آخرين پنو باقي ڇڏي ڏينداسين. اُھو اسان جو ڪفن ھوندو ۽ لرزشندڙ، لڏندڙ ۽ سڏڪڻ اُن ۾ دفن ٿيندو. □

جھيڙو ٽن باندرن جو

ٽن شانتي پسند باندرن کي ڪٽي سچو ڏينهن گهر ۾ اشانتي ڦهليل رهي، زال ۽ ٻارن گهر اندران چيو،

”اڇا! هاڻي توهين سڀ ڪجهه باندرن کان سکندا؟ هڪ اسين آهيون جو ننڍي وڏي جو پيدياءَ ڪٽي وينا آهيون. هڪ توهان آهيو جو ٽنهي باندرن کي قيد ڪري رکيو اٿوَ، اچ اُنهن جو ورهاڱو تيئڻ ئي گهرجي.“

۽ زال منهن بند باندر کي رنڌڻي ۾ پوري ڇڏيو.

۽ ٻارن اکيون بند باندر کي اڱڻ ۾ آزاد ڪري ڇڏيو.

هاڻي هڪ باندر منهنجي ڪمري ۾ ڪن پڪڙي وينو آهي. جڏهن منهنجو اهم ڪن پڪڙي اُتي اڙجي ويو آهي.

۽ اُن ڏينهن کان گهر ۾ هڪ انوکي چمڪ اچي ويئي آهي. هاڻي مان سڀ ڪجهه ٻڌندي به نه ٻڌندو آهيان. ٻار سڀ ڪجهه ڏسندي به نه ڏسندا آهن ۽ زال جي ته ڳالهه ئي نه پڇو، جن ڪهڙا راڳ ڪيا آهن؟ جو ۽ اُن ڏينهن کان رنڌڻي ۾ مُنهن سجائي ويٺي آهي. □

نئون هتوپديش

......۽ هڪوار بيهر ڳوڙها ڳاڙيندي واڳهوءَ باندر کي چيو، ”ياءُ مونکي اَن ڏينهن جي وهنوار ڪري معاف ڪجانءِ. تو مونکي مٺا مٺا ڄمون کارايا هئا ۽ بدلي ۾ مان پنهنجي پتنيءَ لاءِ توکان دل گهري وينس؟ ڌڪار آهي مونکي، منهنجي وهنوار تي! خير، جيڪو ٿي ويو سو ٿيو. هاڻي هل منهنجي گهر. اڄ مان سچ پچ تنهنجي مهمانوازي ڪرڻ وارو آهيان. توکي دعوت آهي، تنهنجي ڀاڀي ٿالهيءَ ۾ لذيذ کاڌو پري وٺي هوندي، تنهنجو انتظار ڪندي هوندي. هيٺ لهه وڻ تان. هل ياءُ گهر هل.“

باندر ڇالانگ لڳائي، وڻ تان ٽپو ڏنو ۽ واڳهوءَ جي پُٺيءَ تي سوار ٿي ويو. چيائين، ”دوست هاڻي اِهي آنسون نه وهاءِ، اِها منهنجي نالائقي هئي جو اُن ڏينهن مان توتي ناراض ٿي ويس. جيڪڏهن سموري ڳالهه جي ڄاڻ هجي ها ته، اڄ ڏينهن تائين مونکي تنهنجي گهر هلڻ لاءِ انتظار ڪرڻو ئي نه پوي ها. هل، جلدي هل، وٺي هل پنهنجي گهر.“

مگر مڇ خوش ٿيندو پاڻيءَ ۾ تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. باندر گنگنائي رهيو هو. وچ سير تي پهچي واڳهو کليو ۽ چيو، ”بيوقوف باندر! اُن ڏينهن تون منهنجي چنگل مان بچي ويو هئين، پر اڄ مان توکي پنهنجي پتنيءَ جو کاڄ ضرور بڻائيندس. تون ڪيترو نه ترت اُلو بڻجي وئين ۽ چڪر ۾ ڦاسي پئين! اڄ ته تون پاڻ وڌيڪ خوش نظر اچي رهيو آهين!“

باندر مسڪرائيندي چيو، ”دوست! مونکي وشواس جوڳن مرڪزن مان معلوم ٿيو آهي ته تنهنجي زال مونکي پيار تي ڪري، مونسان ملڻ لاءِ سدائين بيتاب رهندي آهي. دل کائڻ جو ته هڪ بهانو آهي هوءَ پنهنجي دل مونکي ڏيئي ويٺي آهي، توکي مورکه ئي بڻائي. هل، جلدي هل! مونکي پنهنجي محبوبا سان ملڻو آهي.

... واڳهو تيزيءَ سان ڪناري طرف موٽ ڪاڍي. ❑

لاوارث هئا اهي جو اهي ٻچي رهيا آهي. شهزاديون اميرزادين لاءِ لڪندي ٿيندا آهي رهيون آهن. اندر ماڻهن تي ڇڪي رهيا آهي، هن ٻوٽن تي توهان برسات ڪري، اوهان جن ڪٿي به جي پيس؟ ارشاد، انڪار... بس اونهي تي اونهو.“

هو مڙيو، انهن مهندار اهو سڄڻ ٿوري دير تي اٿي ويو. هاڻي ته تئين جادوگر هي سڀري جادو تي ... سندن جي برسات وسي وئي. گهڻن ئي ماڻهن گهري گهري نمونا خريد ڪيا. ٿوري دير بعد جادوگر رقم ميڙي، جوندي ڪٺي ڪري، پنهنجو جهول ۽ ڏنڊو کڻي اُتان جنبوري سميت روانو ٿي ويو. هاڻي ٻار اُن سڄڻ جي ارد گرد ڪٺا ٿي ويا. هڪ ماڻهوءَ اُن کان پڇيو، ”تو ته جنتري ئي سرڳ جو سير ڪري ورتو. وڏو سڀاڳيشالي آهين. ڪهڙو منتر هو، جنهن جي پڙهڻ سان ئي تون سڌو سُرڳ وڃي پهتين؟“

هو سڄڻ ڪجهه مسڪرايو ۽ پيڙ تي سيني کي بڌڻ تي اچي، اهڙي نموني وڏي آواز چوڻ لڳو، ”ڏسو ۽ ٻڌو ڀائرو! اهو منتر مان توهان کي ٻڌائي رهيو آهيان. پر ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجو. هن ڪاغذ تي لکيل آهي:

”تون ڏاڍو چڱو، رَچ مڙس آهين. اسين غريب پيٽ پالڻ لاءِ، روزي روٽي ڪمائڻ نڪتا آهيون. ڪٿي اسان جو ڀانڊو نه ڦٽي پوي، راز نه کُلي اِن لاءِ مهرباني ڪري اسانجي عزت رکو. توهان کي صرف اِها ئي پرارٿنا آهي. هٿ جوڙي وينتي آهي!“ ❑

جادوءَ جو تماشو

ڳوٺ ۾ هڪ جادوگر آيو، ٻارن هن کي گهيري ورتو. بنسري ۽ ڊفليءِ ٻڌندي، بزرگ، پيرسن ۽ جوان جوانڙيون سڀ خوش ٿيڻ لڳيون.

جڏهن جهجهي ڀيڙ جمع ٿي ويئي ته جادوگر ڪيل ڏيکارڻ شروع ڪيو.

انب جي ڪکڙي پوکي، انب جو وڻ پيدا ڪري ورتو جنهن تي جهجها انب به لڳي ويا.

هن پيٽ مان وڏا وڏا گولا ڪڍيا. ٿوري دير بعد پنهنجي ٻولڙئي (جنبوري) کي زمين تي سمهاري ڇڏيو. مٿان چادر وجهي ڇپائين،

”ڏسو، مهربان، قدردان! هيءُ سهيل جنبورو توهان سامهون دنيا ڀر جون خبرون ڪٿي ايندو. توهانجي هر سوال جو جواب ڏيندو! پڇو ڪير ٿو پڇي سوال؟“

ڀيڙ ۾ بيٺل ماڻهو جڳياسا وس وڏي سوڙها ٿي وڌيڪ اڳيان آيا. انيڪ شخص سوال پڇيا، پنهنجين اِڇائن، تمنائن، مستقبل بابت ڄاڻڻ چاهيو. جنبورو بي ڌڙڪ ٺڙڪي ٻڙڪي سان جواب ڏيندو رهيو.

ڪجهه وقت بعد مداريءَ جنبوري کي اُٿاري ٻيهاريو ۽ پنهنجا جادوئي تعويز وڪڻڻ شروع ڪيا. هڪ سچڻ وچ ۾ ڳالهايو :

”اي جادوگر! پنهنجي هن ڇوڪري کي اڳوات سڀ ڳالهيون رٽائي، برزبان ياد ڪرائي تون اسانجي اکين ۾ سرمو نٿو پائي سگهين؟ تعويز-ٻاويعز ڪجهه به نه آهن، سڀ ڪجهه تنهنجي مَڪاري-فريب آهي. جيڪڏهن تعويز سچو آهي ته مونکي ڏي، مان ٿو پٽ تي سمهان.“

سيني حاضرين ۾ اُن ٽُڻ ۽ ڄاڻڻ جي اِڇا اُجاگرت ٿي. جادوگر پهرين ته ڪافي ڳس ڳسارو ۽ آناڪاني ڪئي، پر جڏهن اُن سڄڻ هن جي هڪ به ڳالهه نه مڃي ۽ پنهنجي ضد تي اِت هٽي بيٺو، تڏهن لاچار جادوگر هن کي سمهاريو ۽ هڪ ڪاغذ تي ڪجهه منتر لکي ڏيندي چيو، ”ڏسو مهربانو! مان توهان جي هن ڳوٺ واسي، مانواري شخص کي هن تعويز جو ڪاغذ ڏنو آهي. هن ۾ لکيل منتر پڙهڻ سان ئي هو سرڳ لوڪ جي دروازي تي پهچي ويندو ۽ اُتان هوُ نيون-نيون خبرون ڪٿي ايندو.“

سچ پچ ڪاغذ جا منتر پڙهندي ئي اُن سڄڻ ڪجهه ٻڙٻڙائڻ شروع ڪيو. ”اوندهه بس اندڪار... اوندهه جي هن پر موٽي نظر اچي رهيو آهي سَرڳ جو دروازو،

انتظار

شام جو آمدرفت جي پيڙياڙ ۾ ڪنهن بس اسٽاپ تي هڪ بس بيٺي. بس جي اندر ڪافي گهاگهه هئي ٻاهر به اُن بس ۾ چڙهڻ وارن مسافرن جو ڪافي تعداد هو.

هڪ ڇوڪري بس جي دريءَ مان پنهنجو توال اندر اُڇلايو ۽ اندر هڪ مسافر جيڪو اڳ ئي سوار هو، تنهن کي جڳهه روڪڻ لاءِ وينتي ڪئي.

ياتريءَ هڪ خالي سيٽ تي توال رکي ڇڏيو.

بس جي پيڙ کي چيريندو، ڌڪامُڪي ڪندو اُهو ڇوڪرو توال واري جڳهه تي پهچو ۽ جيئن ئي ويهڻ لڳو، اُن مسافر چيو، ”ڪنهن ٻئي جي لاءِ جڳهه روڪي ويئي آهي. هتي تون نٿو ويهي سگهين.“

ڇوڪري چيو، ”پر ڀاءُ، هي توال منهنجو آهي ۽ مون ئي دريءَ ٻاهران هيءَ سيٽ والارڻ لاءِ توهان کي ڏنو هو.

مسافر منهن چاڙهي رُکو جواب ڏنو، ”سڀ ائين ڪندا آهن.“

آخر ڪار سڄي مسافريءَ دوران، اُن ڇوڪريءَ کي بيهڻو پيو ۽ هو ياتري نه ڄاڻ ڪنهن سڪون سان توال کي سيٽ تي وڇائي انتظار ڪندو رهيو.

عيد - مبارڪ

ساوڻ مهنو هلي رهيو هو. رامچند تورو جلدي ۾ هو. عالمي انساني ڏينهن تي تقرير ڪرڻ کان اڳ هن پوڄا-پاٺ ڪرڻ ٿي چاهيو.

ٿالهيءَ ۾ گل، ڌوپ، چندن ۽ ڪٽوريءَ ۾ گيهه کڻي، گهٽيءَ جي موڙ وٽ آيل شو مندر جي ڏاڪڻ تائين اڃا مس پهتو ته اچانڪ هڪ ماڻهوءَ سان ٽڪرجي، ٿابڙجي ويو. شخص ٻيو ڪونه پر مدار پورا الانور هو، جيڪو عيد جي نماز پڙهي هٿ ۾ سيڻ جي ديڳڙي کڻي تڪڙو-تڪڙو گهر طرف موٽي رهيو هو. رامچند جي هٿن مان گيهه جي ڪٽوري ڪري پيئي، الانورجي هٿن مان سيڻ جي ديڳڙي ترڪي هيٺ ڪري. رامچند پٽي باهه ٿي ويو :

”دُشت، ناخلف! تو منهنجي پوڄا ئي پرشٽ ۽ پليت ڪري ڇڏي، سورداس جي اؤلاد، مان ئي مليس توکي ٽڪرائڻ لاءِ؟“

پر الانور ڪجهه به نه ڪڇيو، هن ڏنو الانور ڏوهاري ياوَ سان شانت بيٺو آهي ۽ ڪنهن اڳلي واقعي جو انتظار ڪري رهيو آهي.

۽ نه ڄاڻ اچانڪ ڇا ٿيو؟ جو رامچند اڳتي وڌي الانور جو هٿ پڪڙي ورتو ۽ چيو، ”دوست، هاڻي اسين ٽڪرائجي ته ويا آهيون. اچ هڪ ٻئي سان گلي ملون. اڄ توهان جي عيد آهي، عيد مبارڪ منهنجا ياءُ!“

۽ ٻئي ياڪر پري، هڪ ٻئي سان گلي لڳي ويا.

ڪٽوريءَ جو سمورو گيهه سيڻ ۾ هارجي پيو. ☐

ڪيڏاري

ڇوڪري کي ڏسڻ لاءِ مُحلي جون سڀ عورتون ۽ ڪاليجي ڇوڪريون ڪٺيون ٿي ويئون. ڪنن ۾ ڀُس ڀُس شروع ٿي ويئي.

”ڏس نه ڇوڪري جو مٿو پهلوان جيان چست آهي.“

”۽ اکيون بئڊمنٽن جي رانديگر جيان چنچل آهن.“

”ڳچي باڪسر جيان وڏي آهي.“

”ڇاتي ويٽ لفٽر جيان اُڀري رهي آهي.“

”ڪمر تارونءَ جيان لچڪي رهي آهي.“

”ٽنگون لانگ جمپ (وڏو ٽپو) ڏيڻ واري وانگيان ڦونڊجي ويون آهن.“

”پنيون ڊوڙندڙ جيان جانٺيون-مضبوط آهن.“

”پيرن جو پنجو هاءِ جمپ (مٿي ٽپو) ڏيندڙ جهڙو ويڪرو آهي.“

آخر ۾ هڪ ڇوڪريءَ چيو،

”وڏي ڪيڏاري آهي ڪترين ئي ڇوڪرين سان ڪيڏي چڪو آهي.“ ◻

مهمان ۽ ميڻبتي

گهر پهرين ڪان ئي نندو هو، مٿان وري هڪ مهمان بئگ بسترو کڻي اچي ڏمڪيو. سوال پيدا ٿيو تہ مهمان ڪٿي رهندو؟ گهرڌياڻيءَ کي ڪافي چنتا ونئي ويئي. گهڻي سوچ بعد آخرڪار هڪ اُپاءُ ڳولهي ورتائون. سانجهي ٿي گهر جي بجلي بند ٿي ويئي. سڀ ماڻهو پريشان. خير هِتان-هُتان ميڻ بتي ڳولهي ماچيس جي تيليءَ سان ٻاري ويئي، اُن وقت بجلي اچي ويئي. ٻريل موم بتيءَ کي وسايو ويو.

اُن وقت وري بجلي هلي ويئي. ميڻبتي ٻيهر ٻرندي ئي وري بجلي اچي ويئي. ميڻبتي ڦوڪ ڏيئي وسائڻ سان وري بجلي هلي ويئي، بتي بند ٿي ويئي. اهو قصو پنج-ست ڀيرا هليو.

مهمان کي حيرت لڳي. جيڪڏهن اها روبڪار ۽ اَنڌ چنبو بار بار هلندي رهي تہ هو ڪيئن رهندو؟ هن پنهنجي بئگ - بسترو کنيو ۽ سڌو ڌرمشالا طرف روانو ٿيو.

ڪاٿي بجلي اچي ويئي هئي. بلب ٻري رهيا هئا، اُها وري نہ بند ٿي. ☐

تن من ڌن

هڪ شخص جا ٽي پٽ هئا. پهريون واپاري، ٻيون شاعر ۽ ٽيون پهلوان. ٽنهي جا ويچار هڪ ٻئي کان ڌار هئا. اصل نہ ملندا هئا. اِنڪري پيءُ ٽنهي کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ اباڻي جڳهہ ۾ اڪيلو رهڻ لڳو. هڪ دفعي هو بيمار ٿي پيو. هن ٽنهي پٽن کي هڪ جهڙا مختصر خط لکيا،

”منهنجي طبيعت خراب آهي اچو، اچي تن من ڌن سان منهنجي سيوا ڪريو.“

ٽيئي پٽ سياڻا ۽ سمجهوُ هئا.

وڏي پٽ جواب ۾ لکيو، ”واپار ۾ ايترو مشغول آهيان جو اچڻ ممڪن ڪونهي ٻہ هزار موڪلي رهيو آهيان علاج ڪرائجو.“

وچين پٽ لکيو : ”توهانجو خط پڙهندي روئڻ اچي ويو. هاءِ مان اهڙو اياڳو ڪم نصيب پٽ آهيان جو توهانجي سيوا ڪري نٿو سگهان.مونکي سپني ۾ بہ توهين نظر ايندا آهيو. سدائين منهنجي من ۾ توهان ئي رهندا آهيو. توهين جلدي سگهارا ٿيو.“

ٽئين پٽ خط حاصل ٿيندي ئي پهرين گاڏيءَ ۾ چڙهي پيءُ وٽ پهچي ويو ۽ پيءُ جي سيوا ڪرڻ لڳو.

ٽئي پٽ سمجهدار هئا! ☐

شاعري پريمي

نردوش کي هڪ مشاعري ۾ ڪوتا پڙهڻ لاءِ نيندڊ ڏني ويئي هئي. ڳوٺ جي ٻاهر بس اسٽاپ هو، جتان هن کي بس پڪڙڻي هئي. هن ڪافي انتظار ڪيو پر بس جو ڪوبہ اتو-پتو نہ هو. سانجهي ٿيڻ تي هئي. هن سوچيو جيڪڏهن اڃا بہ دير ٿي تہ پوءِ ڪوي سميلن ۾ وڃڻ مان ڪهڙو لاڀ؟

اُن وقت اُتان هڪ جيپ لنگهي. لفٽ لاءِ نردوش هٿ مٿي ڪنيو. جيپ بيٺي، نردوش وينتي ڪئي جا قبولي ويئي.

مهاشيہ نردوش کي جيپ ۾ وهاري، جيپ اڳتي وڌي. ٻنيون، ڪوهہ، جهنگل لتاڙيندي جيپ نہ ڄاڻ ڪهڙي اوبڙ کابڙ رستي تي هلي رهي هئي. نردوش هن رستي کان ناواقف هو. هن کي ڏڪڻي وٺي ويئي اڻواقف ئي شخص ڪير آهن ۽ هن کي الائي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن؟

ڊرائيور جي ويجهو هڪ وڏين مُڇن واري قداور شخص نردوش جي ڊپ کي ڀانپي ورتو ۽ چيو، ”جناب ڪوي شري ڊڄي ويا ڇا؟ ڪوتا پڙهڻ لاءِ ئي توهان کي وٺي ٿا وڃون! شاعري منهنجي گهر ٿيندي. توهان مونکي سڃاڻو! نہ! تہ ٻڌو مان آهيان سلطان سنگهہ ڊاڪو.“

نردوش کي پگهر اچي ويو. پگهر ۾ ڪوتا جا سڀ رس ٻڏي ويا. ڊاڪو سلطان سنگهہ هن کي پنهنجي اڏي تي، ٽولي وچ ۾ وٺي ويو. آخرڪار، مجبورن ڪوي مهاشيہ کي هڪ هٿ ۾ شراب جي بوتل ۽ ٻئي هٿ ۾ بندوق ڏاري ڊاڪن جي ٽوليءَ کي ڪوتائون ٻڌائڻيون پيون. هر لفظ تي ٿهڪن سان داد ۽ واهہ واهہ حاصل ٿي رهي هئي. اهڙي داد نردوش شاعر کي هن کان اڳ ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ڪنهن بہ مشاعري ۾ نصيب نہ ٿي هئي.

ڊاڪو اِنسان هئا. ڪوتا پريمي هئا. هنن سونين مهرن سان ڀريل هڪ ٿيلهي نردوش کي ڀيٽ طور ڏني ۽ چيو،

”اسان تنهنجي هڪ هڪ ڇند کي سونين مُهرن سان مڙهيو آهي.“

نردوش صاحب احسانمند نظرن سان ڊاڪن کي ڏسندو رهيو. ☐

مهاتما

باغيچي ۾ رکيل هڪ لنبي بئنچ جي هڪ چيڙي تي ويٺل هڪ پريميءَ چيو:
”مون کڏهن بہ توسان بي رُخيءَ، کنورتا جو وهنوار نہ ڪيو آهي، وري زبردستي بہ نہ ڪئي آهي، تون جيڪو چوندي رهينءَ مان چپ چاپ سهندو رهيس. تو مونکي ڪيترا موقعا ڏنا پر مون تنهنجي سرير کي ڇُهيو بہ نہ! تون ڇا ٿي سمجهين؟ مان پسون نہ آهيان.“
پريمڪا بئنچ جي ٻئي چيڙي تان جواب ڏنو:
”ڪاش تون جانور هجين ها ۽ مونسان بيرحميءَ سان پيش اچين ها. مون توکي بار-بار موقعا ڏنا اهو ڏسڻ لاءِ تہ تو ۾ وحشيپڻو آهي بہ يا نہ! پر تون تہ ديوتا نڪتين ديوتا، الوءَ جو پٺو، تڏو اِنسان. تون جهنگلي بڻجي پيش اچين ها تہ مان سڀ ڪجهہ تنهنجي چرنن ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيان ها. پر تون تہ هر وقت مهاتما بڻجي آئين. مونکي ديوتا نہ، دئيت گهرجي.“
۽ پريمڪا بئنچ تان اُٿي هلڻ لڳي اِن وشواس سان تہ هاڻي بہ پريميءَ ۾ ڪجهہ حيوانيت نظر ايندي. پر پريمي تہ مهاتما جيان، بئنچ جي ٻيءَ پر ويٺي-ويٺي پنهنجي پريمڪا کي صرف ڏسندو رهيو. □

شطرنج جي راند

ٻن پاڙيسري راجائن ۾ هڪ گهوڙي، هڪ اُن، هڪ هاٿيءَ ۽ هڪ پيادي ڪي ڪٺي جهيڙو ٿي پيو. نتيجي طور خوفناڪ لڙائي لڳي. لڙائيءَ ۾ هڪ ڌر پيش پيئي. سيناپتيءَ ڏاڍي بهادري ڏيکاري هئي، اُن هارايل راجا کي گرفتار ڪري پنهنجي راجڌانيءَ ۾ وٺي آيو ۽ پنهنجي راجا جي چرنن اڳيان زور سان ڦٽو ڪري وڏي ڪڙڪ ۽ ڪنور آواز ۾ چيو:

”سلام ڪر اسان جي راجا کي!“

شڪست کاڌل راجا پنهنجو سر جهڪائي ڇڏيو.

سئناپتيءَ چيو،”مهاشيه، اگر توهين حڪم ڏيو ته هن وحشيءَ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيان.“

جيتيل راجا مسڪرائيندي چيو، ”سئناپتي، تون شطرنج جي راند جو سنو ڪيڏارڙي آهين. مان اهو ئي ڏسڻ ٿي چاهيو ته تون آخرڪار ڪيسنائين راند کيڏي سگهين ٿو. تو لڙائي کٽي پر اِتي هڪ ڀُل ڪري وينين. شطرنج جي راند ۾ ڪاٺ جو راجا هوندو آهي، پوءِ به اُهو ماريو نه ويندو آهي. صرف گرفتار ٿيندو آهي ۽ تون جيئري جاڳندي، بنا هٿيار، هٿن خالي راجا جو سر ڪپڻ لاءِ تيار ٿي وئين؟“

پوءِ هن هارايل راجا سان مخاطب ٿيندي چيو، ”راجا صاحب، راند-کيل ختم ٿيڻ سان سڀ جون سڀ ڳوٽون هڪ جيڙيون ٿي وينديون آهن. اچو، اڳتي وڌو، منهنجو سنگهاسن بيحد وڏو آهي، اُن تي اسين ٻئي براجمان ٿيون ٿا.

۽ هن شڪست کاڌل راجا جو هٿ پڪڙي ورتو. ❑

لڪشمڻ

[illegible] جي ڪوشش ڪندي ته مان [illegible] ''[illegible] سڀهي [illegible] ڪٻاٽ کليو پيو آهي، زيورن جا [illegible] باڪس ته گم آهن، ڪپڙن جي پيٽي به غائب آهي.'' [illegible] روئڻهارڪي ٿيندي چيو.

[illegible] ۾ [illegible] پڇندي چيو، ''چا چوڪيدار منهنجون ماري رهيو هو؟ ته زمانو آيو آ؟ هاڻي چا ٿيندو؟''

[illegible] ٻاهر نڪري، ڏٺم چوڪيدار پنهنجي گهگهي آواز ۾ چائي رهيو هو، ''سمهڻ وارا، جاڳندا رهو. هوشيار-خبردار، جاڳندا رهو.''

منهنجو رت ٽهي سڪي ويو. اسان جي ننڊ ته حرام ٿي چڪي آهي، ڪمبخت هاڻي ڪنهن کي جاڳائي رهيو آهي؟

مون هن جو ٻانهن پڪڙيندي چيو، ''اڙي، او لڪشمڻ، پهريداري ان ريت ٿيندي آهي؟ اسان جي زيورن جا باڪس گم آهن، ڪپڙن جي صندوق به غائب آهي! چور ڪٿان آيو، ڪيڏانهن ويو؟''

لڪشمڻ وڏي آواز سان، اکيون مهٽيندي چيو : ''سائين، مونکي ته ڪابه ڄاڻ ڪونهي. مان ته هميشه جاڳندو رهندو آهيان ۽ چوڪيداري ڪندو آهيان، هاڻ هڪ شخص آيو هو. چيائين، مونکي ڊاڪٽر ۾ هڪ ڪم آهي، رات جي ريل گاڏيءَ ۾ وڃڻو آهي. تون ٽڪرو وڃ ۽ رڪشا وٺي اچ. مان وڏي چونڪ تائين ويس، رڪشا وٺي آيس، اهو بابو رڪشا ۾ پنهنجي پيٽي-سامان رکي هليو ويو. چا هو توهان سان گڏجڻ نه آيو هو؟''

مون پنهنجا مٿي جا وار پڪڙيا. اوچتو دماغ ۾ هڪ خيال اُڀرڻ لڳو. اُنجي دٻاءُ ۾ مان ڪپڙن ۽ زيورات جي چوريءَ جو معاملو ئي ڀلجي ويو هئس. مون چوڪيدار کان پڇيو، ''چا تو رامائڻ پڙهيو آهي؟ تو لڪشمڻ جو نالو ٻڌو آهي؟''

''ها، سائين! لڪشمڻ رام جو ننڍو ڀاءُ هو. ويچارو چوڏهان سال بنواس ۾ سيد ۽ رام سان گڏ رهيو. ننڊ نه ڪيائين، سڄي سڄي رات ڪٽيا جو پهرو ڏيندو رهيو.''

لڪشمڻ شرڌا ڀاوَ سان چيو.

مون چيو، ''هر جڳهه ئي لڪشمڻ پنهنجي جاءِ تار هئيو، تيئن ئي راوڻ آيو ۽ سيتا کي چورائي، ڀڄائي ويو. منهنجا ڀاءُ، صرف جاڳندو رهڻ ضروري نه آهي، هوش ۾ رهڻ به لازمي آهي سمجهيئه.''

هو منهنجو مُنهن تڪيندو رهيو. □

چوٽڪارو

اجا راجارام جو ڏنڊ مس شروع ٿيو هو جو انڪم ٽئڪس وارن جي نظر هن جي نوٽن سان ڀريل ڳڪري جي پيٽيءَ تي پوڻ شروع ٿي ويئي. ڪو نہ ڪو ڪاغذ هر هفتي ايندو رهيو، ويچارو دڪانداري سنڀالي يا آفيس ڪچهري؟ هن پنهنجي دوست کان صلاح ورتي. دوست ٻڌايس تہ ”دڪان تي جيڪڏهن انڪم ٽئڪس آفيس جو پٽيوالو اچي تہ اُن کي سگريٽ-ٻيڙي، ڪلارڪ اچي تہ کنڊ-مئدو، هيڊ ڪلارڪ اچي تہ تيل جو دٻو ۽ اِنسپيڪٽر اچي تہ گيهہ جو دٻو ڏيئي جند ڇڏائيندو ڪر. توکي اُن بعد ڪوبہ تنگ نہ ڪندو. جهڙو ديوتا تهڙي پوڄا!“

پر ٿيو ائين تہ اُن بعد پٽيوالن، ڪلارڪن ۽ اِنسپيڪٽرن جي هن جي دڪان تي قطار لڳي ويئي.

راجارام ڊڪندو ساڳئي دوست وٽ ويو. دوست، وڪيل سان رابطو قائم ڪرڻ لاءِ صلاح ڏنس.

وڪيل چيو : ”پٽيوالي کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ في روپيہ ٻہ سؤ، ڪلارڪن کان آزاديءَ لاءِ في روپيہ پنج سؤ، هيڊ ڪلارڪ کان پيڇو ڇڏائڻ لاءِ في روپيہ هڪ هزار ۽ اِنسپيڪٽر کان بچڻ لاءِ في ٻہ هزار روپيہ، جهڙي بيماري اهڙو علاج.“ اِهو ٻہ ڪجهہ ڏينهن هليو، دڪاندار تنگ ٿي پيو سوال اُٿيو تہ هاڻي وڪيل کان چوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪجي؟ آخرڪار اُن دوست کان صلاح ورتي وئي. دوست راءِ ڏني. هاڻي دڪان بند ڪري ڇڏ ۽ انڪم ٽئڪس آفيس ۾ پٽيوالو بڻجي وڃ. ▭

آخرين اکري - ڪالهه ۽ اڄ

سنه ١٩٥٨ع ۾ هڪ اسڪول ۾ اُن جو هڪ ڪلاس روم.

هنديءَ جي اُستاد شاگردن جي آخرين اکري راند انتڪاشري شروع ڪئي. ڇوڪرا-ڇوڪريون وڏي اُتساهه-اُمنگ سان سُر ۾، ڪوتائون ٻڌائي رهيا هئا، سورداس، تلسيداس، ڪبيرداس، مئٿلي شرڻ گپت، ميران بائي، بهاري، شاهه، سچل، سامي وغيره ڪوين جون ڪوتائون، دوها واري وٽيءَ ٻڌائي رهيا هئا. شاگردن کي اِنهن ڪوين جو رچنائون برزبان ياد هيون.

اوچتو هڪ اکر ''ب'' تي هڪ ڌر اٽڪي پيئي. اُستاد خطري جي گهنٽي وڄائي. هڪ ڇوڪري ٿڙتڪڙ ۾ سهڪندي چيو :

''برسات ۾، هم سي ملي تم سجن
تم سي ملي هم، برسات ۾.''

سڄو ڪلاس ٽهڪن سان گونججڻ لڳو، اُستاد ڏاڍو ناراض ٿيو. چيائين ''آخري اکري چٽاپيٽيءَ ۾ فلمي گيت نه هلندو. ٻي ڪا ڪوتا ٻڌاءِ.''

سنه ١٩٧٤ع ۾ ساڳيو ئي اسڪول، ساڳيو ئي ڪلاس روم، ساڳيو ئي اُستاد. صرف شاگرد بدلجي ويا هئا. زور زور سان آخرين اکري راند شروع ٿئي. پريم نگر، بابي، سنگم، سيتا اور گيتا، تيسري منزل، ميري محبوب وغيره فلمن جا گيت شاگردن کي برزبان سو به وري سُر ۾ ياد هئا.

اوچتو هڪ ٽولي ''ب'' اکر تي اٽڪي بيٺي. اُستاد پنڌرهان سال پراڻي گهنٽي وڄائي. هڪ شاگرد اُٿيو ڏڄندي ڏڄندي چيو :

''برس رها هئه روي، انل پوتل توا- ساجل رها،
هئه چل رها سن سن پون.''

سڄي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. اُستاد کي به ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. چيائين، ''آخرين اکريءَ ۾ ڪوتا-شاعري نه هلندي، ڪو فلمي گيت ٻڌاءِ.'' ▪

سادا ٽي ڏينھن

....۽ اچانڪ ڪشور جي بدلي ڪئي ويئي. ھو ٽرانسفر لاءِ تيار ئي ھو.

ھن جي ڏيءُ ويم گھر ۾ داخل ھئي. پھرين ڊليوري (ويم) ھو.

ڀڳوان جاڻي الائي ڇا ٿئي؟ پرسان رھڻ ضروري ھو. ھاڻي ھو ڇا ڪري؟ نئين جڳھ تي وڃي يا ڪجھ ڏينھن موڪل وٺي ڇڏي؟ صاحب ھن کي اڄ ئي رليوَ ڪرڻ لاءِ چئي رھيو ھو.

ھن پنھنجي باس کي عرض ڪيو تہ ''مان نئين جڳھ تي ھليو ويندس. منھنجي ٽيل ٽرانسفر لاءِ ڪوبہ اعتراض ڪونھي، پر ايترو جلدي رليوَ نہ ڪريو. ھڪ اڌ ھفتو ڪن ترسو، تيستائين منھنجي ڌيءُ جو ويم ٿي ويندو. ڊاڪٽر بہ ڪن ڏينھن جي ئي ڳالھ ڪئي آھي ھڪ، اڌ ھفتو چيو آھي.''

باس ھو جناب جين، اُن اسسٽنٽ ڪمشنر شري سولنڪيءَ کي اِھا ڄاڻ موڪلي ڏني. سولنڪي اڃا ڪاتي ۾ نئون-نئون آيو ھو، ھوُ ھڪ اڌ ھفتي جو مطلب سمجھي نہ سگھيو. اُن لغت کولي ڏٺي پر سنتوش نہ ٿيس. ٻن ٽن اُستادن کان پڇيو، ھڪ ٻڌايو ھڪ ھفتو يا اڌ ھفتو معنيٰ ست ڏينھن يا سادا ٽي ڏينھن. ٽيون ماسترن وري سادن ٽن ڏينھن تي اِٽ ھڻي بيٺو. ھڪ ٻن جھونن ۽ سمجھدار شخص چيو، ''صاحب اِھو اصطلاح-ڀاڪو آھي ھن کي ڏينھن جي ماپ پٽيءَ سان نہ ماپيو وڃي، اِنسان جي مجبوريءَ تي غور ڪيو. دنيا ۾ اھڙي ڪابہ مشين تيار ٿيل نہ آھي جيڪا ڪنھن ٻار جي جنم جو مقرر وقت ٻڌائي سگھي. اِھا تہ ھڪ قدرتي ڪريا آھي.''

پر سولنڪي صاحب نيمن جو پڪو ھو ۽ ھن اِن معاملي ۾ پوري علائقي ۾ پنھنجو رعب قائم ڪرڻ ٿي چاھيو. ھُن جي حساب سان ٻار کي سادن ٽن ڏينھن ۾ جنم وٺڻ ئي گھرجي.

پر ٻار جو سادن ٽن ڏينھن ۾ جنم نہ ٿيو. ھن ڪشور کي آفيس ۾ گھرايو ۽ خوب ڌمڪايو، ''تو غلط رپورٽ ڏني آھي. سادا ٽي ڏينھن گذري چڪا آھن ۽ اڃا تائين تنھنجي ڌيءُ جو ويم نہ ٿيو آھي، سرڪاري ڪم ڪار ۾ ھن ريت دير اصل نہ ھلندي آھي. توکي اڄ ئي منجھند جو رليوَ ڪيو ٿو وڃي.''

سولنڪي اِن ڳالھ تائين محدود نہ رھيو ۽ نہ ئي وري ڳالھ قبولي پر خط ۾ اِن معاملي جو حوالو ڏيندي، مستقبل ۾ وقت جي پابندي رکڻ لاءِ سرڪيولر پڻ جاري ڪري ڇڏيو. ❑

پاڇو

ٻئي هڪ ٻئي کي ڏاڍو پريم ڪندا هئا. پر ڏينهن جي روشني ۽ عوام جي نظرن سامهون پاڻ ۾ گڏجي نہ سگهندا هئا. آخرڪار طيءِ ڪيو ويو تہ بابا پير جي مجار تي رات جو ٺيڪ ٻارهين ٻجي گڏجاڻي ڪبي.

۽ پوءِ رات جو ٺيڪ ٻارهين ٻجي پير بابا جي مجار تي ٻرندڙ ديپڪ ڏٺو تہ هڪ پاڇو اوڀر طرف کان سوڙهو ٿيندي سنڪوچ سان آيو ۽ چار قدم ڪٽي ٻيهي رهيو. اُن وقت اولهہ طرفان کان هڪ ٻيو پاڇو بہ آيو ۽ ڏيئي کان چار قدم پري ٻيهي رهيو.

ٻئي پاڇا چپ چاپ صبح جو ڇئين ٻجي تائين ٺُٺ جيان بيٺا رهيا ۽ پوءِ نااُميد ٿي واپس موٽي ويا.

درخت ديپڪ کان پڇيو، ”هو ٻئي حتي آيا، پر بنا گڏجڻ جي ڇو واپس موٽي ويا؟“

ديپڪ چيو، ”هان مجار تي اِن طرح رکيل هئس جو ٻنهي نيم روشنيءَ ۾ هڪ-ٻئي کي پنهنجو ئي پاڇو سمجهي، هڪ ٻئي جو انتظار ڪندي-ڪندي رات پر بيٺا رهيا ۽ پوءِ صبح جو نراس ٿي واپس موٽي ويا.“ ❑

پاتر - ڪُپاتر

ڪنهن دروازو ڪڙڪايو تہ، مون اُٿي ڪڙو کوليو.

”نمستي! مان شرما آهيان، توهان سان گڏجڻ آيو آهيان.“

”اچو، اندر تشريف رکو. پر مون توهان کي نہ سڃاتو؟“

شرما ڪمري ۾ اندر گهڙي، صوفا تي پاڻ کي براجمان ڪندي چيو، ”توهين غضب ٿا ڪريو! توهين مونکي نٿا سڃاڻو؟ اڙي مان توهانجي ڪنڊ ڪاويہ جو اداڪار آهيان. آهہ... آهہ... ڇا تہ توهان منهنجي ذهنيت جو چٽ چٽيو آهي. حقيقت ۾ عورت جي باري ۾ بہ منهنجي اهڙي ئي ميتا رهي آهي، جيڪا توهان لکي آهي. دل چوي ٿي مان توهان جي قلم کي چُمان!“

مون مسڪرائيندي چيو، ”اسان شاعرن کي، حقيقي چِتر چٽڻو پوندو آهي. او تمنا! پٽ اتان چانهہ تہ کڻي اچجانءِ!“

هو وڏيڪ ڳالهائيندي چئي رهيو هو، ”پيشم ۽ امبا جي پريم واقعي جيان ئي مونکي منهنجي امبا گڏي هئي ۽ مون اُن ريت ئي هن کي مِني ڏني هئي، پريم ڪيو هو. توهان تہ غضب جو لکيو آهي.“

مون چيو : ”توهين برابر ٿا چئو، ڪڏهن ڪڏهن گهٽنائون- واقعا ايترو تہ پوروچوت هلندا آهن، اڙي پٽ! چانهہ سان گڏ ناشتو بہ کڻي اچجانءِ.“

شرما ٻانهون کنجيندي چيو، ”پر توهان، پيشم جو هڪڙي هنڌ اهڙو تہ خراب چِتر چٽيو آهي تہ هو دروپديءَ کي وڏي اُتساهہ سان ننگو ٿيندي ڏسي رهيو آهي. توهان اُن مٿان گند اُڇاليو آهي.“

مون چڪريءَ مٿان زور لڳائيندي چيو، ”پائي اهو لکڻ جو معاملو آهي. مونکي پيشم جي چريتر ۾ پڙڪيل واسنا نظر آئي. تمنا ناشتو نہ کڻي اچجانءِ.“

هن صوفا تان اُٿندي چيو، ”توهان پنهنجي چوٿين باب ۾ منهنجي هيجڙائپ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ماڻهن ڇا سوچيو هوندو، منهنجا ٻئي ٻار ڇا سمجهندا ۽ سوچيندا هوندا؟ ڌڪار آهي توهان تي توهانجي قلم تي.“

مون دروازي طرف وڌندي چيو، ”جيڪڏهن سچي ڳالهہ ٻڌائجي ٿي تہ اِن ۾ غلط ڇا آهي؟ خراب ڇا آهي؟ ادب جو ڪو مقصد نہ هئڻ گهرجي. پٽ، چانهہ نہ کڻي اچجانءِ.“

شرما ٽپي لال ٿي ويو ۽ ٽڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. مون ڇهري تان پنهنجو اُکيو ۽ صوفي تي ڪرندي چيو : ”تمنا پٽ! هڪ گلاس ٿڌو پاڻي تہ کڻي اچ.“

جوڙي

هڪ باغيچي ۾ هڪ ٻڍي عورت ۽ هڪ ڪرڙوڏ ٻرش ٻري-ٻري وينا هئا.
ٻهج سياءُ اُتساهہ وس تي عورت تورو نزديڪ ايندي پڇيو،

”توهان جو شيپ نالو؟“

”منهنجو نالو ڪمل ڪمار آهي! ۽ توهان جو؟“

”منهنجو نالو ڪملا ڪماري آهي.“

”واهہ! نالي ۾ ڪيتري نہ هڪجهڙائي آهي“

”توهان جي عمر؟“

”جي، پنجاهہ سال پورا ۽ توهان؟“

”مان ۴۵ سالن جي آهيان!“

”واهہ ڇا تہ سنجوڳ آهي. منهنجن وارن ۾ خضاب لڳل آهي.“

”۽ منهنجي چوٽي نقلي آهي.“

”منهنجا ڏندن ڏند نقلي آهن!“

”منهنجا هيٺيان ڏند جڙتو آهن!“

”منهنجي اٻين زال مري چڪي آهي.“

”منهنجي ماضي پتيءَ آتم هتيا ڪئي هئي.“

”مونکي هڪ پٽ آهي، ۲۵ سالن جو.“

”مونکي هڪ ڌيءُ آهي، ۲۲ سالن جي.“

”واهہ! اهڙي جوڙي وري ڪڏهن ملندي؟“

”ڪنهن جي جوڙي؟“

”تنهنجي ۽ منهنجي!“ ☐

مون تہ پهرين ئي چيو هو

جڳديش جهڙو اسان ڪڏهن بہ موقعيپرست نہ ڏٺو آهي. هو ڪيڏي مهل ڳالهہ بدلائي ڇڏيندو چوڻ مشڪل آهي. هرڪنهن ڳالهہ جي وچ ۾ ٽپڪي پوندو ۽ چوندو وتندو، ”مون تہ پهرين ئي چيو هو.“

اسين سڀ هن کان پريشان هئاسين.

ڪالهہ جي ئي ڳالهہ آهي. هاير سيڪنڊريءَ جو نتيجو ظاهر ٿيو، جنهن ۾ منهنجو پُٽ پاس ٿيو. جڳديش کي سوڙهو ڪُهڻ جو مونکي سٺو موقعو ملي ويو.

لنچ جي وقت سيني دوستن سامهون منهن پيلو ڪري چيم، ”ڪالهہ بورڊ جو نتيجو ظاهر ٿيو اُن ۾ منهنجو پٽ....“

عادت مطابق جڳديش وچ ۾ ٽپ ڏيئي چيو، ”مون تہ پهرين ئي چيو هو تہ توهان جو پٽ، امتحان ۾ پاس نہ ٿي سگهندو. هاڻي ويهي روءِ.“

مون چيو، ”جي نہ، مان چئي رهيو هوس تہ منهنجو پٽ فرسٽ ڪلاس...!“

جڳديش طرف بدلايو، ”ها، ها فرسٽ ڪلاس! تڏهن تہ مان سوچڻ لڳس تہ ڀلا توهان جو پٽ، ناپاس ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون تہ پهرين ئي چيو هو، هو پهرين نمبر سان پاس ٿيندو. ڏسو ٿيو نہ پاس...“

مون ٽوڪيندي چيو، ”پهرين توهين منهنجي پوري ڳالهہ تہ ٻڌو، مان اهو چئي رهيو آهيان تہ منهنجي ڇوڪري جو فرسٽ ڪلاس نہ آيو آهي.“

هاڻي هو شڪجي ويو، چيائين، ”تہ ائين چئہ نہ! مان بہ سوچڻ لڳس بہ ڪٿي توهانجو ڇوڪر، ڪٿي فرسٽ ڪلاس مون تہ پهرين ئي چيو هو تہ....“

مون پڇيو، ”توهان پهرين ڇا چيو هو؟“

هاڻي ويچارو ڇا ڪُڇي جهڙي يت! ڇو بڌائي تہ هُن پهرين ڇا چيو هو! ☐

اُبتي ڪهاڻي

ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻي اُبتي به هلندي آهي.

هڪ برهمڻ هو. هن جي گهر اڱڻ ۾ گهوڙا ٻڌل رهندا هئا. هڪ ڏينهن هن جو
نڍڙو پٽ بانبڙا پائيندو پائيندو گهوڙن پرسان وڃي پهتو.

برهمڻ اوطاق ۾ ويٺو هو اُتان ئي رڙ ڪيائين، ’’اڙي ٻُڌين ٿي، هن ڇوري کي
ڙٽو آهي ڇا؟ گهوڙو لت هڻندس ته؟ ڪڻ هن کي.‘‘

برهمڻي رنڌڻي ۾ هئي. اُتان ئي چيائين، ’’توهان جي پيرن ۾ مهيندي لڳل
آهي ڇا؟ توهان جو پٽ آهي، توهين ئي کڻي وٺوس.‘‘

برهمڻ تپي باهه ٿي ويو. هن رنڌڻي ۾ اچي برهمڻيءَ کي لتن سان خوب
ماريو.

پلا هوءَ لتون ڇو سهندي؟ پنهنجي پٽ کي کڻي پيڪي هلي وئي. وري واپس
نه موٽي. ويچارو برهمڻ اڪيلو ٿي پيو. هن کان گهوڙا سنڀاليا نٿي ويا. هن گهوڙا
وڪڻي مينهون خريد ڪيون. اُهي به هن کان چاريون نه ويئون، ته مينهون وڪڻي
ڳايون خريد ڪيائين. سيوا-ٽهل، سنڀال هن کان نٿي پُڄي لاچار اُهي به وڪڻي
ٻڪريون خريد ڪيائين.

هڪ ڏينهن هن خريد ڪيل ٻڪريون به ڄڻ-ٽڻ ڪري وڪڻي ڇڏيون ۽ ٻيڪ
سڻ شروع ڪيائين، ٻئي ۾ جيڪو به اٽو هن کي ملندو هو اُهو هڪ مٽ ۾ رکي ۽
ٽاڻ پرع ۾ ڪٽ وڃائي ٻڌي پوندو هو. هڪ ڏينهن هو ليٽندي-ليٽندي سوچڻ لڳو ته
حالي ذڪر ٻوندو نه هن اٽي کي وڪڻي ٻڪريون خريد ڪندس، ۽ پوءِ....‘‘ □

يڪش ۽ يڌشٽر جي ڳالهه

يڪش يڌشٽر کان آخرين سوال پڇيو :

”ڊارون، فرائڊ، مارڪس ۽ گانڌيءَ جو چنڊ سان ڪهڙو سنبنڌ آهي؟“

يڌشٽر جواب ڏنو :

ايڪم (هرهڪ پکہ جي پهرين تاريخ) جو چنڊ ڪروڙين سال پراڻو قديم جيو آهي.

چوٿ ۽ اشٽميءَ جو چنڊ فرائڊ جو يوني (زناني) عضوو اُهڃاڻ آهي. پورنماسيءَ جو چنڊ مارڪس جو رپيو آهي ۽ اُماس جو چنڊ مهاتما گانڌيءَ جو نراڪار برهم آهي.“

يڪش چيو، ”نيڪ آهي، هاڻي تون علم حيات، علم جنسيات، ارٿ شاستر ۽ ڌرم شاستر مان ڪنهن بہ هڪ وشيہ جي چونڊ ڪري سگهين ٿو.“

يڌشٽر وراڻيو، ”جي نہ، مان راجنيتي ڪڻڻ چاهيان ٿو. ڇاڪاڻ تہ اِهي سڀ وشيہ اُن ۾ شامل آهن.“ ☐

اُبتو ڦاهو

فصل ۾ لاڀارو پڄي رهيو هو. ڳاهه جي پوڙن جون ڍيرون آسمان کي ڇهي رهيون هيون. ڳاهه جي پڙ ۾ ڪڙمي رات ڏينهن جاڳندا رهيا ۽ اناج صاف ڪري اُن کي ڀرجائڻ جو بندوبست ڪندا رهيا. ڍڳي گاڏين جون لاڳيتار قطارون بيٺيون بيٺيون هيون.

هڪ چور اِن فڪر ۾ لڳل هو ته ڳاهه جي پڙ مان ڪهڙيءَ ريت اناج ڀريل گاڏي چورائي وڃان. هو شام جو پڙ جي ويجهو ٻوٽن ۾ لڪي ويٺو. رات جو پهرون پهر شروع ٿيو. اناج جي سنڀال ڪندڙ به جهوٽا کائڻ لڳا. اُن وقت چور ٻوٽن کان ٻاهر نڪتو. هڪ ڍڳي گاڏيءَ ۾ اناج ڀريو ويو هو. ڪوچوان به چلم ڇڪڻ لاءِ، سرير سيڪڻ لاءِ ڀاريل ٻاهه ۾ ٽانڊا ڳولهي رهيو هو.

چور ڦڙتيءَ سان گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو ۽ ڍڳن کي هڪالي، گاڏي ڊوڙائڻ شروع ڪئي. آواز تي گاڏيءَ واري کي جڏهن سڌ پئي ته هو ”چور چور“ زور سان چلائيندي گاڏيءَ پٺيان ڊوڙيو.

ٻيا هاري به جاڳي پيا ۽ وڏيون-وڏيون لٺيون کڻي ڍڳي گاڏيءَ پٺيان ڊوڙيا. چور ڏٺو هاڻي بچڻ مشڪل آهي، هاڻي ڇا ڪري! هُو گاڏي ڇڏي وڃي ڀڳو ۽ پڙ ۾ ڳاهه جي هڪ ڍڳ ۾ لڪي ويو.

هاري-ناري چور کي ڳولهڻ لڳا. پر چور به اهڙي هنڌ لڪو ويٺو جو ڪنهن جي به پڪڙ ۾ نٿي آيو.

ڳاهه جو ڍير ڪنهن سنت جي ڏاڙهيءَ جيان ٻاسي رهيو هو. هڪ ڪڙميءَ چيو، ”اسان ٻڌو آهي ته چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک تيندو آهي.“

اُن وقت ٻئي هاريءَ کي اِلائي ڪهڙي ڳالهه سمجهي هوءُ اُن ڏاڙهي نُما ڳاهه جي ڍڳ ۾ اندر گهڙي ويو ۽ چور کي پڪڙي وٺي آيو ۽ پوءِ سڀني کي ٻڌائيندي چائين:

”نه ـ، چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک نه هوندو آهي، ڪک جي ڏاڙهيءَ ۾ چور آهي.“

بعد ۾ جيڪا چور جي حالت ٿي، پڇو ئي نه. چوڻي به اُبتي ٿي ۽ چور سي به اُبتو لٽڪايو ويو. ☐

چور

هڪ چور مٺان گهر جي مالڪڻ عاشق ٿي پيئي.

هن چور کي چيو، ”هل، اسين هتان ڀڄي هلون، مان سڀ ڪپڙا، لٽا، زيور پاڻ سان گڏ کڻي آئي آهيان.“

پر ڀڄڻ ڪٿان! هو دروازي کان ٻاهر وڃي نٿي سگهيا جو در وٽ ڪٿ وجهي اُن تي مالڪ سمهيو پيو هو. ها، هڪ ڪم ٿي، ٿي سگهيو. دريءَ مان ٽپو ڏيئي ٿي سگهيا. مالڪڻ دريءَ مان هيٺ نهاريندي چيو :

”پر، مان ڪيئن ٽپو ڏيندس؟ مونکي ڊپ ٿو لڳي. اڙي باپ ڙي هيڏو مٿان؟“

چور هن جو هٿ پڪڙيندي پاٻوهه مان چيو، ”پريه، ڏڄ نه! پهرين مان ٿو ٽپو ڏيان، پوءِ تون ڪپڙن-زيورن جي هڙ هيٺ اُڇلائجانءِ. پوءِ تون هڙ مٿان ئي ٽپو ڏجانءِ، توکي ڪجهه به نه ٿيندو، ڏک به نه لڳندو. اگر ڪجهه ٿيو به ته مان پاڻهي سنڀالي وٺندس.“

ائين ئي ٿيو. چور پهرين ٽپو ڏنو بعد ۾ مالڪڻ ڪپڙن-زيورن جي هڙ هيٺ اُڇلائي ۽ هن پڇيو، ”هاڻي مان ٽپو ڏيان؟“

چور چيو، ”هاڻي ٽپو ڏيڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي.“

۽ هو ڪپڙن ۽ زيورن جي هڙ کڻي گهٽيءَ ۾ غائب ٿي ويو. □

جوتش

جوتشي جسم ڪنڊلي ڏسي ڪري زمان حال، ماضي ۽ مستقبل ٻڌائي رهيو هو. هاڻ هو رهاڪن ڏسي ٻيچل سوالن جا جواب ڏيئي رهيو هو. هن جي ٻولي مرڪز، ڪشش ڪندڙ ۽ ڳالهائڻ سخت متاثر ڪندڙ هو. جيڪو ٻه ٻڌي پيو حاضري اٿو تي چڪڪي تي آيو، گهٽيءَ، پاڙي جا گهڻا ماڻهو هن کي گهيرو ڪري بيٺا هئا.

پورڻچند کي جوتشين جي پاکنڊي ليلا کان سخت نفرت هئي پر هو ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ سڀ ماڻهو واري وٺيءَ سان پنهنجو هٿ ڏيکاري رهيا هئا. هن اڄ به ماضي جي ڪري جلاب ورتو هو اِنڪري ٻاهر ڪم تي نه وڃي نٿي سگهيو.

هو پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتو ۽ جوتشيءَ کي جيڪا پيڙ گهيري وٺي هئي اُنهن کي ڏسڻ لڳو.

سنتوش ڪمار چيو: ”اڙي پورڻچند تون به هيڏانهن اچ. هي جوتشي ڪافي وڏوان ۽ پهتل شخص آهي تنهنجي من جون سڀ ڳالهيون ٻڌائيندءِ.“

پورڻچند پريان کان ئي چيو : ”جوتشي پهرين اِها ڳالهه ٻڌائي ته ايندڙ پنجن منٽن ۾ مونسان ڪهڙي گهٽنا ٿيڻ واري آهي ته پوءِ مان هن کي مڃيندس.“

اِها ته هڪ وڏي للڪار هئي، پيڙ جا سڀ حاضرين جوتشيءَ طرف سوالي نگاهن سان ڏسڻ لڳا جڻڪ پڇي رهيا هئا ٻڌاءِ، هاڻي توکي ڇا چوڻو آهي؟

جوتشيءَ ڪلهي تي رکيل انگوڇي سان پنهنجي منهن جو پگهر اُگهيو ۽ چيو: ”توهين هتي اچو ته مان ڪوشش ڪريان.“

۽ اسان جو پورڻچند لڏندو لمندو جوتشيءَ وٽ آيو ۽ پنهنجو هٿ جي هٿيلي اُن طرف وڌائي.

جوتشيءَ آڱرين کي ڏٺو، ترڻيءَ کي زور ڏنو، ننهن تي نظر ورائي ۽ هٿ کي اُبتو-سبتو ڪري، ساڄي ڪابي ڏسندي چيو :

”اڙي سيٺ صاحب، توهين هتي ڪيئن آهيو؟ مونکي ته حيرت ٿي لڳي، توهان ڪجهه وقت بعد ڪنهن اهڙي غفا ۾ هوندا جيڪا ڪافي سندر، وڻندڙ

کھٹي ۽ کرٽي

ماڻھو پنڊت جي ڪٿا منتر وس ٿي ٻڌي رھيا ھئا. مھاشيہ پنڊت چئي رھيو ھو، ”ٻارن ۾ ڀڳوان وسي ٿو، اُھي جيتريون بہ شرارتون ڪن، اُن ۾ اسان کي ڀڳوان شري ڪرشڻ جي ليلائن جا درشن ڪرڻ گھرجن.“

اُن وقت ڇا ٿيو جو، ھڪ ننڍو ٻار ماءُ جي گود مان ھيٺ لھي ٽينگہ ٽپا ڏيڻ لڳو. ھن کي ڏسندي بہ چار ٻيا ٻار بہ پنھنجين مائٽن جي گود مان لھي آيا ۽ ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ لڳا. ڪافي شور غل مچي ويو.

پنڊت چيو، ”اڙي! ھنن ٻارن کي سنڀاليو، ھيءَ ڇا جي ڌماچوڪڙي مچائي ڇڏي اٿائون؟ توھان نہ کي ڪٿا ٻڌڻي آھي ڪين مان بند ڪريان؟ سڄي ڪٿا جو مزو ئي ڪِرڪرو ڪري ڇڏيائون!“

ھاڻي چئني طرفن کان آواز اچڻ شروع ٿي ويا، ”اِھو شورغل، گوڙ گنبوڙ بند ڪريو.“

سيني رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ”ھاڻي بس بہ ڪريو ڪٿي.“

ويچارا ٻار ڊڄندا، ھيسجندا ڊوڙي وڃي پنھنجين مائٽن جي گود ۾ لڪا. ڪنھن ريت وري شانتي ٿي.

پنڊت وري ڪٿا شروع ڪئي، ”ٻارن ۾ ڀڳوان ساکيات-روبرو واسو ڪندو آھي اُنھن کي پيار سان رکو، ھيسايو، ڊيڄاريو اصل نہ.“

ماڻھو منتر مست ٿي ڪٿا ٻڌندا رھيا. ❑

حساب

مارچ مهني جو آخرين هفتو هلي رهيو هو. سيٺ ڪنهن ضروري ڪم سبب شهر کان ٻاهر ويل هو. منيب بہ موڪل تي هو. پر وڃڻ کان اڳ هن هڪ نوجوان ڇوڪري کي بندين ۾ حساب-ڪتاب لکڻ جي ڪم تي لڳائي ڇڏيو هو.

ڇوڪري حويليءَ ۾ هڪ سڄي رات جاڳي، ڇوپڙا لکڻ جو سڄو ڪم نپٽائي ڇڏيو. پوءِ هن سيٺياڻيءَ کان پنهنجو محنتاڻو گهريو.

سيٺياڻيءَ مسڪرائيندي ناز نخري سان پڇيو، ”سيٺ کي ڇڏي توکي هڪ رات جو محنتاڻو ڪيتري رقم ڏيارياںءِ؟“

ڇوڪري چيو، ”گهٽ ۾ گهٽ پنج سؤ روپيہ روڪڙا ئي ڏيئي ڇڏيو. مان اوڌر نہ رکندو آهيان.“

سيٺياڻيءَ اکيون مٽڪائيندي، چپن کي دٻائيندي، مسڪرائي چيو، ”منهنجي هڪ رات جو محنتاڻو بہ پنج سؤ روپيہ آهي. اجوڪي رات هني ئي گذار، مان بہ اوڌر نہ رکندي آهيان.“ ☐

هوندي، سبنل تذي پاڻيءَ جو جهرڻو وهندو هوندو. توهان پڪي وشواس سان اُن ڏگمبر (جين مت جو مڃيندڙ) حالت ۾ سماڌي وس ٿي ڪري پرم ستيه جا درشن ڪندا هوندا. توهان کي سيٺ صاحب، سنياس جو يوڳ آهي.''

سڀ ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويا. هي جوتشي ڇا چئي رهيو هو؟

پورڻچند کي بہ ڏاڍو غصو آيو. ''هون! هي ڪوڙو، فريبي جوتشي مون گرهستيءَ کي بابا بڻائي رهيو آهي. ڪوڙ نسوڙو ڪوڙ!''

پورڻچند اُتان سڌو لئبرن ۾ گهسي ويو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيو.

ٿوري وقت بعد پورڻچند کي محسوس ٿيو تہ ''اوهہ! واقع ئي جوتشيءَ سچي ڳالهہ چئي هئي.'' ☐

مدد

هرروز سوير صبح جو اُٿي مان گهرو ڪمن ۾ مدد روپ ڏيندو آهيان، جيئن پتني ۽ ٻار سڀ ڏينهن مون سان خوش رهن.

اُن ڏينهن ڪمري جي پٽ ۾ هڪ وڏو سوراخ نظر آيو، مون ٿورو سيمينٽ-ريتي گڏي چڱيءَ طرح اُهو سوراخ بند ڪري ڇڏيو.

شام جو مون ڏٺو تہ هڪ جهرڪي ۽ جهرڪ، سيمينٽ سان بند ڪيل اُن ٽُنگ جي ارد گرد لامارا هڻي رهيا هئا. رات جو مون ٻڌو تہ جهرڪ ۽ جهرڪي ڪجهہ چون-چون ڪري رهيا هئا ۽ پٽ تي نونهن هڻڻ جو آواز اچي رهيو هو. سوير صبح جو ڏٺم تہ سوراخ مان اڌ سيمينٽ ٻاهر نڪتل هو ۽ جهرڪ-جهرڪي فرش تي مئا پيا هئا.

مون سوراخ ۾ بچيل باقي سيمينٽ بہ کوٽي ٻاهر ڪڍيو. اڙي مار! اندر هڪ آکيرو هو جنهن ۾ بہ انڊا رکيل هئا.

هاڻي مون انهن ڪمن ۾ مدد ڪرڻ بند ڪري ڇڏي آهي. □

ڪرپشن

”توهان منهنجي ڪتاب جو اجا تائين انوواد نہ ڪيو آهي؟“

”ادا، پنهنجي وقت، رفتار ۽ سهوليت سان ڪندس.“

”چا، توهين هن ڪتاب جو انوواد جلدي نہ ڪري سگهندا؟ مان توهان کي هڪ هزار روپيہ وڌيڪ اُجورو ڏيندس.“

”توهين روپيہ ٻہ هزار ٻہ وڌيڪ ڏيندا تہ بہ سال کان اڳ ڪتاب پورو ڪري نہ ڏيئي سگهندس. مان رشوت نہ وٺندو آهيان.“

”جيڪڏهن مان ٽي هزار روپيہ ڏيان تہ؟“

”ڪم پورو ڪرڻ ۾ ڇهہ مهنا لڳندا.“

”۽ چار هزار ڏيان تہ....؟“

”ٽن مهنن ۾ ڪم ٿي ويندو.“

”۽ جيڪڏهن پنج هزار ڏيان تہ....؟“

”مهني ير ۾ ڪم پورو ڪري ڏيندس.“

”تہ ٺيڪ آهي. ساهتيڪ ڀرشٽاچار جي ڏوهہ ۽ پنج هزار روپيہ رشوت وٺڻ جي الزام تحت مان توکي گرفتار ٿو ڪريان. مان اينٽي ڪرپشن وڀاڳ جو عملدار آهيان، ڄاڻين ٿو، مان هتي ڇو آيو هئس؟“

”ها، پنهنجي ڪتاب جي انوواد جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.“

”نہ، توهان جي ڪرپشن جو پتو لڳائڻ.“ ☐

آخرين سچ

بابا جو فوت ٿيو هو. گهر ۾ روڄ راڙو مچيل هو. بارن ماحول کي پاڻ وٽ ڏنداڪي بڻائي ڇڏيو هو. ڳڏريل سال ٿي ڏاڍي حن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو هو. هڪ سال بعد حيءَ ٻين پيڙهي به ختم. انتم سنسڪار به ڪيڏو نه مهانگو ٿيندو ويو هجي. وڏي پٽ سوچيو، پٽنچ مڙد کي سنان ڪرائي، ڪپڙا پائي اڇو ڪفن اوڍي رهيا هئا. اوچتو بلرام مٽي رکجي ويو. ماٺين اشاري سان پڇيو، ”ڇا ٿيو؟“

بلرام آهستي چيو، ”مرتڪ کي ذرا ڏيان سان ڏسو هيءُ سائيو ڪفن مرتڪ جي پيءُ کي ڳڏريل سال مٿان پاتو ويو هو. پوءِ هاڻي هيءُ هتي ڪٿان آيو؟“

وڏو پٽ زار زار روئي رهيو هو ۽ ترڇي نظرن سان پٽنچن کي ڪجهه چئي رهيو هو.

سيني کي هاڻي سمجهه ۾ اچي ويو هو. پلا سچ ڪيئن نه سمجهه ۾ ايندو؟ پٽنچن لاش کي ڪفن سان ڍڪيو، ارٿي سجائي ويئي ۽ اُن کي ڪُلهن تي کڻي چيو، ”رام نام ستيه آهي.“ ☐

ڳيهه

جنا ني پنا شريءَ جي لاش کي رکيو ويو. مسائيءَ ۽ پٽنچن وڏي پٽ کي چيو، ”اب! ٻنهنجي پيءُ جي ڪاپار تي ڳيهه وجهه.“ پُٽ، هڪ وڏي لوٽي مان مرتڪ سرير جي مُنهن، مٿي، وارن ۽ اکين جي ڪوپن ۾ ڳيهه وجهڻ شروع ڪيو ويو.

انداري پنج ڪلو سن شڌ-سچو ڳيهه هو. رامون، جيڪو ارٿيءَ سان گڏ آيل هو. هن جي ڀرم ٻينو هو، سوچڻ لڳو، ”ٻنج ڪلو ڳيهه؟“ باپ ڙي باپ! ايترو ڳيهه نه ملهڻجي ڀر پنج مهنا هلي ها. ڳيهه مڙدي مٿان ڪري رهيو هو ۽ رامونءَ کي اهڙي لڳي رهيو هو نه ڄڻ هو ڀلجي وڏي ڪجهه ڳيهه لاش تان چٽي رهي. ☐

بزرگن جي فهرست

ڪتنب ۾ ايترا تہ بزرگ گڏ تي ويا هئا جو مان ڏاڍو تنگ تي ويو هئس. هر ٻئين، ٽئين مهني، هڪ - ٻہ موت تي رهيو هو. انتم سنسڪار ۾ وڃڻ، شمشان ياترا، پڳڙيون، ٻارهو، چائتو، ٻارهاماسي هر ڪريا ۾ وڃڻو تي پيو. تمام ويجهو عزيز هجي تہ هردوار، گيا، پشڪر وڃڻو تي پيو. باپ ڙي! آخرڪار هي ڪرياڪرم ڪيستائين هلندا؟

هڪ ڏينهن مان فهرست تيار ڪرڻ ويٺس تہ ڏسان اجا خاندان ۾ باقي ڪيترا بزرگ بچيا آهن؟

مونکي حيرت لڳي تہ مون کان وڏي عمر جا اجا پنجويهہ شخص حيات هئا. مون فهرست ۾ هنن جو هن دنيا مان چالاڻو ڪرڻ جو پنهنجي انداز مطابق وقت بہ نالن سامهون لکي ڇڏيم. منهنجي حساب انوسار پنجن سالن جي عرصي اندر هنن سڀني بزرگن ۽ ڪريا ڪانڊ کان ڇوٽڪارو حاصل تي ويندو. دماغي سڪون بہ مليو. پنج سال گذرڻ ۾ ويرم ئي ڪيتري تي لڳي؟ ڏاڏي جو نالو سڀني کان مٿي هو، موت جي شروعات اتان کان ئي ٿيڻي هئي.

مان اجا اُها يادداشت هٿ ۾ جهلي ڏسي ۽ سوچي رهيو هئس تہ منهنجو پوٽو هڪ ڪاغذ هٿ ۾ ڏيندي ويو. اُها بہ هڪ فهرست ئي هئي. ڪتنب جي بزرگن جي پوٽي جي حساب سان. مان اهو ڏسي دنگ رهجي ويس تہ فهرست ۾ سڀ کان اول-پهرئين نمبر تي منهنجو نالو لکيل هو. ❑

خال پورتي

راڄڪمار جي شادي بہ جلدي ٿي ويئي، ڪچن-پڪن ٻارن بہ ترت ئي جنم ورتو. سڀني طور جنهن عمر ۾ ماڻهو جوان ٿيندا آهن ۽ پتا ٻڻجندا آهن، اُن عمر ۾ هو نانو ٻڻجي ويو ۽ هاڻي ڏاڏي ٻڻجڻ جون تياريون هئس.

هڪ ڏينهن مون هن کان پڇيو، ”تون زندگيءَ ۾ ڪجھ نہ ڪري سگهئين. هڪ عام رواجي ماستر جو ماستر ئي رهئين ۽ جوانيءَ ۾ ٻڍو نظر ٿو اچين. اِن لاءِ من ۾ توکي ڪو اسنتوش نٿو ٿئي؟“

هن هڪ زوردار ٽهڪ هوا ۾ ڇڏيو ۽ چيو، ”ڇا جو اسنتوش؟ دنيا ۾ خال پورتيءَ جو سڌانت ٿو هلي. ڪاٿ جاءِ، خالي نٿي رهي. مان ٻئي ڪنهن کيتر ۾ ڪُجھ نہ ڪري سگهيس تہ ڇا ٿيو؟ پر ڏس، منهنجين ٻنهي ڌيئرن جي شادي ٿي ويئي. اُنهن کي ٻار-ٻچا آهن. منهنجي پٽ جي شادي بہ گذريل سال ئي ٿي، هاڻي هوءَ بہ پيءُ ٻڻجڻ وارو آهي. هڪ ننڍو گهر آهي. مان وڏو عملدار نہ ٻڻيس، پر گرهستيءَ جي معاملي ۾ ڪنهن کان بہ پٺتي نہ آهيان. اُن جي اُبتڙ توهان مئنيجنگ ڊئريڪٽر ٻڻجي ويا، وڏي دٻدٻي وارا، رعبدار شخص آهيو، پر توهان کي هڪ بہ پٽ اؤلاد نہ آهي. ٻہ ڌيئر اٿو، جنهن ۾ هڪ کي اڇو ڪوڙھ آهي ۽ ٻي ٽي.بيءَ جي اسپتال آهي. ٻنهي جي اڃا شادي نہ ٿي اٿوَ ۽ شايد ڪڏهن بہ نہ ٿيندي. توهان جي زال اينٽري تہ جهڳڙالو آهي جو اوڙي-پاڙي ۾ وڙهندي رهندي نہ آهي ئي پر اسان جي سوسائٽيءَ ۾ بہ اچي جهيڙا-جهٽا ڪري ويندي آهي. ٻڌايو هاڻي توهان جي من ۾ ڪڏهن اسنتوش نہ ٿيو آهي؟“

مونکي لڳو تہ شايد مان عمر کان اڳ ئي بي‌وقت ۾ ٻڍو ٿي ويو آهيان. ☐

موٽ - سُک

بيمار پتيءَ جو پتنيءَ اِسپتال ۾ ڪافي علاج ڪرايو، خرچ ۾ بہ ڪا ڪسر باقي نہ رکي پر آخرڪار مڙس جو موٽ ٿيو. زال ۽ ٻارن ڪانسواءِ اُتي ٻيو ڪوبہ شخص حاضر ڪونہ هو. سڀ ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ اُتي رهندڙ ئي هنن جا ياتي. عزيز، مت مائٽ هئا. لاش کي ڳوٺ کڻي وڃڻ لازمي هو. نہ تہ سس، ڏيراڻيون، نڻانون، ننهن تي ڏمرجي وڃن ها چون ها، ”ڏائڻ کائي ويئي پنهنجي پتيءَ کي!“

زال پنهنجا سڀ ڏک پلجي ڪري، ڳوٺ وڃڻ جي تيارين ۾ جنبي ويئي. هڪ ٽئڪسي ياڙي تي گهرائي ويئي. پتي بيمار آهي اِهو چئي لاش کي اُن ۾ رکيو ويو. ڊاڪٽر بہ گڏ هليو. جڏهن ڳوٺ پهتا تہ ”مڙس بيهوش آهي.“ چئي لاش کي هيٺ لاٿو ويو. سڄي رات ڊاڪٽر ڪوڙو دوا درمل ڪندو رهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن سڀ ڪٽنبي، عزيز بيمار جي پرسان اچي ويٺا، تڏهن اوچتو مڙدي مان آواز آيو، ”سيني کي رام رام، مان وڃان ٿو.“

ماٺيو اچا ڏسن، سمجهن تہ ڪنهن ڳالهايو، لاش جي گردن لُڙڪي ويئي.

سڄو ڪٽنب روئڻ ۾ اچي چٽڪيو، جڻڪ سيني جو ساهہ نڪري ويو هو.

ڀاڙي پتنيءَ جي جان ۾ جان آئي! ☐

ڪوئلي جهڙو تن-من

هڪ رات ميري، ليڙون ليڙون ٿيل سوٽ پنهنجي منهن تان هٽائي اُشا هڪ ڳالهه ڳني ڪئي.

”بـ! توهان جو تن-سرير ڪوئلي کان بـ وڌيڪ ڪارو آهي.“

مان ڪوئلي جيان جلي خاڪ ٿي ويس. غصي ۾ هڪ زوردار چماٽ هن جي ڳل تي هڻي ڪڍيم. هن جو سڄو ڳل نـ صرف ڳاڙهو ٿي ويو پر هڪ ٻن هنڌ ڳاڙها ڦڦوڙا بـ اُڀري آيا. هوءَ خاموش رهي. پر هن جي اکين مان ڳرندڙ ڳوڙها زور زور سان چلائي رهيا هئا:

”آزي پاپي! من توهان جو ڪوئلي کان بـ وڌيڪ ڪارو آهي.“ ❑

ڪليڪٽر

ريل گاڏي ءَ مان لهي، مسافر پليٽ فارم کان ٻاهر نڪري رهيا هئا. دروازي تي ٽڪيٽ ڪليڪٽر سڀني کان ٽڪيٽون وٺي رهيو هو.

ٿوري وقت بعد هڪ پڙهيل ڳڙهيل، سوٽيڊ-بوٽيڊ مسافر دروازي جي ويجهو آيو ۽ بنا ٽڪيٽ ڏني، ٻاهر نڪرڻ لڳو، ٽڪيٽ ڪليڪٽر پڇيو، ”توهانجي ٽڪيٽ؟“

”ڪير آهيو توهين؟“ مسافر اُبتو سوال پڇيو.

”مان ٽڪيٽ ڪليڪٽر آهيان.“

”مان ڊسٽرڪٽ ڪليڪٽر آهيان“

”هونهه! مان اسٽرڪٽ ڪليڪٽر آهيان. ٽڪيٽ ڏيو يا ڏنڊ ڀريو!“ ❑

موڪلاڻي گيت

ڌيءُ جي موڪلاڻي ٿي رهي هئي. ماءُ روئندي-روئندي بيهوش ٿي ويئي. ٻيون عورتون هن جي سار سنڀال ۾ لڳي ويئون. ڌيءُ سان هاڻي ڪجهہ ننڍيون ڇوڪريون ئي باقي بچيون هيون. موڪلاڻي (وداعي) گيت بہ اڌ ۾ ئي بند ٿي ويو. ڇوڪرين کي تہ گيت جي ڄاڻ نہ هئي. اُنهن موڪلاڻي ڪندڙ ڪنوار کي چيو، ”ديدي توهين ئي ڪٽي گيت ڳايو!“

۽ ڌيءُ پنهنجي موڪلاڻيءَ جو گيت ڳائيندي اڳتي وڌڻ لڳي. ❑

توازن

ڊرائيور وڏي لاپرواهي ۽ بي‌رحميءَ سان بس هلائي رهيو هو. ويچارن مسافرن جو ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو هو. اڳئين بس اسٽاپ تان هڪ خوبصورت جوانڙي نينگر بس ۾ چڙهي ۽ ڊرائيور جي ويجهو بونيٽ تي ويهي رهي. ڊرائيور هاڻي گاڏي سنڀالي-سنڀالي خبرداريءَ سان هلائڻ لڳو. مسافرن جو ساهہ سامت ۾ آيو. جوانڙي ٻن بس اسٽاپن بعد بس مان لهي ويئي. ڊرائيور وري اندڌاڌنڌ، بي‌رحميءَ سان بس هلائڻ شروع ڪئي. مسافر وري ڊڄي ويا، هنن جو ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو. ❑

عيسا ۽ مان

ڊرائنگ روم جي شوڀا وڌائڻ لاءِ، سوريءَ تي لٽڪيل، عيسا جو هڪ وڏو رانديڪو، اِهي زنبير رانديڪو نه نڪ رانديڪو آهي. ٻار به آخرڪار ناسمجهه ٻار آهن. ٻارن عيسا کي سوريءَ تان لاهي ڇڏيو.

پوءِ به چوائون، ''ويچارو صدين کان لٽڪي رهيو آهي. هن کي ڪافي تڪليف ٿيندي هوندي.''

ماءُ غصي تي ويس. ''توهان ڪالهه جا ڇوڪرا، توهان کي ڪهڙي سُڌ ته وڏن جي عزت ڪيئن ڪئي ويندي آهي؟ عيسا تڪليف سهندو يا نه سهندو، پر هي اچي ڪنهن به شخص ڏٺو ته ڇا چوندو؟''

۽ مون عيسا کي سوريءَ تي لٽڪائي ڇڏيو.

منهنجو ڊرائنگ روم چمڪڻ لڳو. ❑

پڪا ميوا

سيناقل جي وڻ تي ڪجهه پڪل ميوا لڳل هئا. ڪجهه پن به پيلا ٿي ويا هئا. اُنهن کي هڪ وقت ڪيرائڻ لاءِ مون وڻ جي ٿڙ کي زور زور سان ڌوڏايو.

پڪل سيناقل به ڪريا، ڳڻ سڪل پن به ڪريا، ڳڏوڳڏ جهرڪين جا گهٽا آکيرا ۽ بيضا به زمين تي ڪري پيا.

منهنجو چهرو پڪي سيناقل جهڙو ٿي ويو. منهنجو سرير پيلي پن جيان ڏڪي رهيو هو. ❑

اُف! هيءَ تار

هڪ رنگ برنگي خوبصورت لفافي تي اچي هڪ ٽيليگرام ڪري.

لفافي نڪ کي موڙا ڏيندي غصي ۾ چيو، ''اوهه! بدتميز! پري هٽ! مان ڪيترن نه سندر سپنن ۾ غلطان هوس. سڀ ٻُڙ ٻُڙ ڏاٽي ڪري ڇڏيئه. توکي سڌ آهي ته مان، ڪنهن جي شاديءَ جو نينڊ پتر کڻي وڃي رهيو آهيان؟''

تار تڏهن شوڪارو ڀري، آهه ڪندي چيو، ''ها! مان ڄاڻان ٿي ۽ مان اُن جي موت جي ئي خبر آندي آهي.'' ❑

ٻہ ڪوڙيون

”مان توهان کان ڏيتي ليتيءَ ۾ ٻہ ڪوڙيون وٺندس.“ سيٺ سيرومل، ڏيءُ جي پيءُ کي چيو.

”واهہ سيٺ! توهان تہ مونکي مصيبت مان ڇوٽڪارو ڏياري ڇڏيو. توهان ڪيترا نہ مهان ۽ وشال دل اِنسان آهيو. پر مان توهان کان هڪ سوال تہ پڇڻ چاهيان.“ نياڻيءَ جي پيءُ چيو.

”پڇو؟“ ڏيتي ليتيءَ ۾ ٻہ ڪوڙيون ڇو وٺي رهيا آهيو؟“

”ڇاڪاڻ تہ اِها ئي توهانجي اؤقات آهي.“ سيٺ زهريلي مشڪ مسڪرائيندي چيو. □

سيڻُ - سيڻَ

سيتا وڏوا هئي. پنهنجي جوان ڏيءُ لاءِ ڇوڪرو ڏسڻ رامچند جي گهر ويئي. رامچند رنڙ هو ۽ هڪ جوان پٽ جو پيءُ هو.

هاڻي ٿيو ائين تہ ڇوڪريءَ لاءِ، ڇوڪرو تہ پسند پيو، پر وڏوا ۽ رنڙ ٻہ هڪ ٻئي کي پسند ڪري ورتو. هاڻي ڇا ٿئي؟

جيڪڏهن هو ٻئي شادي ٿا ڪن تہ ڇوڪري-ڇوڪريءَ جي شادي ٿي نٿي سگهي؛ ڇاڪاڻ تہ تڏهن هو رشتي ۾ ڀاءُ-ڀيڻ ٻڻجي ٿي ويا.

آخرڪار سيتا هڪ رستو ڪڍيو، ”ائين ٿا ڪريون، پهرين ڇوڪري-ڇوڪريءَ جي شادي ٿا ڪرايون. اُن رشتي بعد اسان ٻئي سيڻُ-سيڻَ ٿي وينداسين ۽ سيڻُ-سيڻَ تہ پاڻ ۾ شادي ڪري ٿا سگهن.“ □

نڪما ڪاغذ

شاعر گمراهه جي بئگ چورائي هڪ چور ڀڄي ويو. اُن ۾ مهني ڀر جي پگهار هئي، ڪجهه ڪوتائون به هيون. ويچارو شاعر مهاشيه ڏاڍو نااُميد ٿيو. ڪوي ڏاڍو دکي هو پر ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ لاچار چپ رهيو.

ڪجهه ڏينهن بعد ڪوئي شخص اُها بئگ هن جي گهر ڏيئي ويو. گڏو گڏ هڪ چٺي لکيل هئي. اُن ۾ لکيل هو، ”ڪجهه ڪم جا ڪاغذ مون پاڻ وٽ رکيا آهن. باقي جا بيڪار ڪاغذ موٽائي رهيو آهيان.“

جناب گمراهه بئگ کولي، اُن ۾ صرف ڪوتائون هيون. ❑

ٻاڙهو نشان - ڪارو نشان

ڪوئلن جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ گوپوءَ جي ڳلن تي سوير صبح جو لپسٽڪ جي ٻاڙهن نشانن کي ڏسي دوستن مذاق ڪرڻ شروع ڪيا.

منجهند جو گوپوءَ گهر اچي رسوئي ورتائي ۽ زال جي چهري کي ٻنهي هٿن سان پري زور زور سان منيون ڏنيون ۽ پيار ڪيو.

شام جو گوپوءَ جي زال جڏهن کوهه تي پاڻي ڀرڻ ويئي ته اُن جي ڳلن تي ڪوئلن جا ڪارا نشان ڏسي، ساهيڙين هن کي چيڙائڻ ۽ مذاق ڪرڻ شروع ڪئي. ❑

ڪُتا

هڪ غريب جي منهن، عام چؤواڻي تي، تاڪ منجهند جو اُلٽي ڪئي. بدهاضمي جي ڪفن ۾ ويڙهيل، ڪچين مناين جا لاش، ناجائز اؤلاد جيان، ڪجهه وقت پيٽ ۾ رهڻ ڪانپوءِ ٻاهر اچي ويا هئا.

ڪن ماڻهن ڇي ڇي ڪئي، ڪن منهن هٿ سان بند ڪيا، ڪي نڪ کي موڙا ڏيئي رمندا رهيا، پيٽ هلندي رهي ۽ اُلٽي هن جي پيرن تي چنبڙيل ئي رهي.

ڪجهه ڪُتا اُلٽيءَ تي ٽٽي پيا. مون هڪ سمجهدار ڪتي کان پڇيو، ”يار، ڇا تون هن اُلٽيءَ جي حمايت ڪرين ٿو؟“

ڪتي ڀؤڪندي چيو، ”بيوقوف! ڪير ٿو پنيرائي ڪري؟ هيءُ ته اسين توهان جي پاپن کي ڌوئون ٿا. توهان سڀ پراڻي پيڙهيءَ جي اُلٽي آهيو. توهان کان ته اسان ڪُتا سٺا آهيون. جو خود اُلٽي ڪندا آهيون ۽ پاڻ ئي چٽي ويندا آهيون.“ □

برٿ ڪنٽرول

گهر جي مالي حالت سڌارڻ ۾ پتي پتني ٻئي برٿ ڪنٽرول (ڄم روڪ) ۾ مشغول ٿي ويا. هنن فيصلو ڪيو ته جيستائين ٻارن جي پالنا ڪرڻ جيترو ڌن ڪنو نه ٿيندو، تيستائين مڪمل برٿ ڪنٽرول (ڄم روڪ) رهندو.

سالن بعد، جڏهن هنن جي آرٿڪ حالت مضبوط بڻي ۽ اِن لائق بڻيا ته ٻارن جي پرورش بهترين نموني ڪري سگهندا ۽ هنن جي هرڪا گهرج ۽ سهوليت ميسر ڪرڻ ۾ هوءَ هاڻي سمرٿ آهن. تڏهن اِهو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا ته، هاڻي هو اِن لائق ئي نه رهيا هئا ته ٻار ڄڻي سگهن. □

چلر - پوڄ

نوٽن متائڻ وقت ۽ ڪير، پاڇين، ڪرياٽي جو حساب-ڪتاب ڪرڻ وقت ڪجهه لاپرواهيءَ ڪري گهر ۾ چلر ڪني تي ويئي. مان ريزڪي هڪ ٿيلهيءَ ۾ پري سيڏي واري وٽ ويس، چلر جي بدران نوٽ ڏيڻ لاءِ چيم.

دڪاندار منهنجي چلر ڳڻڻ وينو. اُن وقت ئي مندر جو هڪ پوڄاري ڪجهه سيڏو-سامان خريد ڪري رهيو هو.

اُن مونکان پڇيو: روز بيڪ ۾ ڪيتري رقم حاصل ٿيندي اٿيئي؟ □

هڪ هو راجا

”هڪ راجا هو!“

بيتال آکاڻي شروع ڪئي ۽ ايترو چئي آکاڻي اُتي ئي پوري ڪندي وڪرم کان پڇيو:

”هاڻي ٻڌاءِ، هڪ ئي راجا ڇو هو؟ جيڪڏهن تون ڄاڻي ٻجهي هن سوال جو جواب نه ڏيندي ته توکي مان سرنهن جا داڻا ڪري ڇڏيندس. مٿو ڦاڙي سؤ ٽڪرا ڪندس.“

وڪرم چيو:

”جنتا بيوقوف هئي، اِن لاءِ هڪ ئي راجا هو.“

ايترو ٻڌندي ئي وڪرم جي ڌڌيءَ تي سوار بيتال اُڏامي هڪ وڻ تي لٽڪي پيو. □

ڪُتا

پنج شخص ۽ هڪ عورت هماليه پربت تي ڳرڻ ويا. هڪ ڪُتو به هو. ماٺهو ۽ عورت اُتي ڳري ويا، ڪتو واپس موٽي آيو اِها خبر ڏيڻ لاءِ شايد، اُهو مان ئي هئس. □



شري ڀڳوانداس سنتداس
ميلواڻي جن جي
پوتر ياد ۾

ننڍي پيماني تي گهرو هنر
کولڻ لاءِ سونهري وجهه



اسان جي ڪارخاني ۾ هيٺيون مشينون تيار ٿينديون آهن : بريڊنگ مشين، الاسٽڪ ٽيپ، شو ليس، ڊيڪوريشن ٽيپ، پئراسوٽ ڪورڊ ۽ واير بريڊنگ، ٽوسٽنگ، گلئنڊ ڏوري، بابن وائينڊر.

✆ : 22823131-22823132

سريچند انجنيئرنگ ائنڊ
مولڊنگ ڪمپني

E وارڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد- ۳۸۲۳۴۰.

SRICHAND ENGINEERING
& MOULDING COMPANY
E-Ward, Kubernagar, Ahmedabad-382340.



With Best Compliments From
Proudly Present's
RANG KARAM THEATRE
(Regd.) Ahmedabad.
KHIL SUHINA KHIL....
(The complete Family Entertaining Sindhi Film)
Written & Directed by : JAGDISH CHAND
کِل سھڻا کِل.....
(مکمل فئملي منورنجن سان ڀرپور سنڌي فلم)
Contact For VCD
Jagdish Shahdadpuri
RANG KARAM THEATRE
DRAMA & MUSICAL GROUP
Saibaba Society, B/h. Sadhu Vaswani School,
P.O. Sardarnagar, AHMEDABAD-382475.
Ph. : 9824538539 - 079-65457004

رنگ ڪرم ٿيئٽر (رجسٽرڊ) احمد آباد.

RANG KARAM THEATRE (REGD.) AHMEDABAD.

D-1, "Kalakar Bhawan", Saibaba Society, B/h. Sadhu Vaswani School, Sardar Nagar. AHMEDABAD-382475.
Mobile : 9824538539 & 079-65457004 E-mail : jash_079@gmail.com

مڪمل منورنجن سان ڀرپور مذاقيه سنڌي ڊي.وي.ڊي. فلمي

ڀڳوان بچائي زالن کان...!



RANG KARAM THEATRE (REGD.) AHMEDABAD. PRESENT'S


The Complete Family Entertaining ***SINDHI D.V.D. Film:***



Producer
PRAKASH KAURANI

Contact For Laser Show :

BHAGWAN BACHAI ZALLUN KHAN...



Pro Manager
MOHAN KHILNANI

D-1, "Kalakar Bhawan", Saibaba Society,
B/h. Sadhu Vaswani School,
Sardar Nagar. AHMEDABAD-75.
Mobile : 9824538539 & 079-66457004

خاص نوٽ : شو لاءِ مٿين ائڊريس تي سمپرڪ ڪريو.

[illegible]

پوج مٽينگر سنڌي پئنچات، احمدآباد

پريزيڊنٽ ڊاڪٽر ديويندر ٽي. شرما	وائيس پريزيڊنٽ شري پرسرام پي. پوڄواڻي

سيڪريٽري
شري واشديو ماڪيجا

جائنٽ سيڪريٽري شري پرڪاش گنگواڻي	خزانچي شري واسديو سيرناڻي

آفيس : 22، ڪمل ڪامپليڪس، سنڌي مارڪيٽ پرسان، مٽينگر، احمدآباد 380008.

پريزيڊنٽ : ڊاڪٽر ديوندر شرما، ڊي-8، ڌن لڪشمي سوسائٽي، جئہ هند چار رستا، مٽي نگر، احمدآباد-380008. فون : 25468901

سيڪريٽري : واسديو ماڪيجا، ڪراچي هوٽل پنيان، مٽينگر برج پرسان، مٽينگر، احمدآباد-380008.

M. : 9825038673 - 9377196064



ڊاڪٽر ڪشور ڪابرا هنديءَ جو برک، لوڪپريه ڪوي، تنقيدنگار، ننڍيون-مني ڪهاڻيون ماهر، ليکڪ، انوادڪ ۽ سمپادڪ آهي. هنن جو جنم ٢٦ ڊسمبر ١٩٢٤ ۾ مندسور (ايم.پي.) ۾ ٿيو. هنن 'ريتيڪالين ڪاويه ۾ شبد النڪار'' وشيه تي کوج ڪاريه ڪيو آهي. هو سالن تائين پروفيسر رهيا ۽ پرنسيپال پد تان استيعفا ڏيئي ساهت کي پاڻ ارپڻ ڪيو.

ڪشور ڪابرا (ليکڪ)

شري ڪابرا جا اڄ ڏينهن تائين سؤ کن ڪتاب شايع ٿيل آهن ''اُتر رامايڻ''، ''اُتر مهاڀارت''، مهاڪاويه، ''ٽٽل شهر''، ''مان هڪ درپڻ آهيان''، ''ست سئي'' شاعري، ''هڪ ٽڪرو زمين''، ''بوند بوند ڪوڙو سچ'' ننڍيون ڪٿائون وغيره ڪافي ڌيان ڇڪائيندڙ معياري ۽ انعامي ڪتاب آهن.

شري ڪابرا کي ''ساهتيه ڪلا شري''، ''ساهتيه شرومڻي''، ''راشٽريه ڀاشا آچاريه''، ''ساهتيه شري'' جهڙن خطابن، سنمانن سان گڏ انيڪ انعام حاصل ٿيل آهن. آمريڪن بايوگرافيڪل انسٽيٽيوٽ ''مئن آف دي ايئر ١٩٩٩'' اوارڊ ڏنو آهي. هندي ساهتيه اڪادمي گجرات راجيه طرفان پڻ هنن کي سنمانت ڪيو ويو آهي. هنن جون رچنائون انيڪ ڀاشائن ۾ انواد ٿيون آهن. انيڪ هندي ساهتيڪ مخزنن جو سمپادڪن ڪيو آهي.



ڇيتو لالواڻي (سنڌيڪار)

ڊاڪٽر ڇيتو لالواڻي ناٽڪ ڪار، ڪهاڻيڪار، مضون نويس، رنگه آلوچڪ، لوڪ ساهتيه جو ابياسو، اخبار نويس، انوادڪ، ٻال ساهتيه ليکڪ، ڪلاڪار، هدايتڪار آهي.

جنم ٨ مارچ ١٩٤٥ ڪنڊيارو، ضلع نوابشاه سنڌ پاڪستان ۾. راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد (ڀارت سرڪار) ۾ ڊائريڪٽر پد، سنڌي اڪادمي دهلي ۾ سيڪريٽري پد، گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ ۾ نائب چيئرمن ۽ اسسٽنٽ رجسٽرار پد ۽ گجرات هندي ساهتيه اڪادميءَ ۾ اسسٽنٽ رجسٽرار پد تي شيوائون ڏنل آهن.

سنڌي، هندي-گجراتيءَ ۾ سٺ کن ڪتاب شايع ٿيل. ''سنڌي لوڪ ناٽڪ''، ''سنڌي لوڪ رنگ''، ''ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب'' (لوڪ ادب جا ڪتاب) ''تنهنجا غم منهنجا آهن''، ''حادثو''، ''ٽه-رنگي روشني'' (ايڪانڪي ناٽڪ) ''ناٽڪ ۽ رنگه منچ ڪلا''، ''سنڌو ناٽيه درشن''، (ناٽڪ ڪلا)، ادبي ويچار، ويچار (مضمون)، ''پوسٽ مارٽم''، ''ردي'' (ڪهاڻيون) ڪتاب سنڌيءَ ۾ لوڪپريه. هنديءَ ۾ ''سنڌي ڀڳت''، ''سنڌي ساهتيه درپڻ'' گجراتيءَ ۾ ''سنڌي سنگيت ۽ ڀڳت''، ''سنڌو ناٽيه درشن''، ''سنڌي لوڪ ڪٿائون'' ڪتاب لوڪپريه.

سنڌي ساهتيه گوُرو پرسڪار، ناٽڪ ڪلا گوُرو پرسڪار (گجرات راجيه)، ''ساهتيڪ اوارڊ ٢٠٠٧''، ''ساهتيه شان اوارڊ''، ''سنڌيت ٢٠٠٤'' اوارڊ سان گڏ انيڪ انعام-سنمان حاصل ڪيل.

آمريڪن بايوگرافيڪل انسٽيٽيوٽ طرفان، ريسرچ بورڊ آف اڊوائيزر طور ٢٠٠٣ کان مقرري ڪيل.